روزاني
ايڊيٽر: اعجاز مهر
سنڌيار
سکر
Daily SINDHYAR Sukkur
www.dailysindhyar.com
(جلد پهريون) سومر 15 مئي 2023 ع بمطابق 24 شوال المڪرم 1444ھ (قيمت 05 روپيا) شمارو 349

ڪراچي ڪنهن جي پيءُ جو شهر ناهي، حافظ نعيم پيو الطاف حسين بڻجڻ چاهي ٿو: سعيد غني

لوڪل گورنمينٽ ايڪٽ ۾ ترميم تي حافظ نعيم جا اعتراض بي بنياد آهن، مڪاني ادارن جي چونڊن ۾ پيپلز پارٽي جي ڪاميابي جماعت اسلامي کي قبضو لڳي رهيو آهي

حافظ نعيم صوبي ۾ نفرت ۽ ورهاڱي جي سياست کي هٿي پيو ڏي، جمهوري حڪومت جو ساٿ ڏيڻ تي آرمي چيف کي نشانو بڻايو پيو وڃي

حافظ نعيم سنڌ دشمني ۾ لڳل آهي، جماعت اسلامي کي سيٽن ۾ اضافي تي ٿورا مڃڻ گهرجن، هوچئي رهيو آهي عدالت ۾ چئلينج ڪندا اهو به شوق پورو ڪري وٺي.

پيپلز پارٽيءَ هاڪاري طريقي سان آدمشماري تي خدشن جو اظهار ڪيو، بلاول ڀٽو زرداري وفاق کان ڌار ٿيڻ تائين جو چيو، مخالف ڌر مڪاني ادارن جي قانون ۾ ترميم جي حمايت ڪئي هئي

پيپلز پارٽي نه جماعت اسلامي جا نتيجا حيران ڪندڙ آهن، هو پ پ ڪارڪنن ۽ ڪراچي جي شهرين جا ٿورائتا آهن جن جلسي ۾ شرڪت ڪئي

عمران خان جيڪو ڪجھ ڪيو اها بي جي پي جي خواهش هئي، عمران خان اهو ڪري ڏيکاريو جيڪو تحريڪ طالبان نه ڪري سگهي: ڪراچي ۾ پريس ڪانفرنس

ڪراچي (بيورو رپورٽ) صوبائي وزير سعيد غني چيو آهي ته ڪراچي اسان جو شهر آهي ڪنهن جي پيءُ جو ناهي، حافظ نعيم پيو الطاف حسين بڻجڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهي. ڪراچي ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي صوبائي وزير چيو ته لوڪل گورنمينٽ ايڪٽ ۾ ترميم تي حافظ نعيم جا اعتراض بي بنياد آهن، مڪاني ادارن جي چونڊن ۾ پيپلز پارٽي جي ڪاميابي جماعت اسلامي کي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 01

ڪراچي: صوبائي وزير سعيد غني پريس ڪانفرنس ڪري رهيو آهي

”سپاٽي سپريم ڪورٽ ٻاهران ڌرڻو هڻنداسين، اجازت ڏيو“ پي ڊي ايم جي انتظاميا کي درخواست

اسلام آباد (م ر د) پاڪستان ڊيمو ڪريٽڪ موومينٽ (پي ڊي ايم) جي جماعتن ڊي چوڪ اسلام آباد ۾ ڌرڻي جي درخواست جمع ڪرائي ڇڏي. ڊپٽي ڪمشنر کي جمع ڪرايل درخواست ۾ چاتايو ويو آهي ته اسلام آباد ڊي چوڪ تي اجتماع صبح ڏهين وڳي ٿيندو تنهنڪري اجازت ڏني وڃي. درخواست اهو به چيو ويو آهي ته ڌرڻي جي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 02

حڪومت ۽ اسٽيبلشمينٽ مون کان ڊنل آهي، پيهر به جيل وڃڻ لاءِ تيار آهيان: عمران خان

حڪومت ۽ ان جا سرپرست مون کان ڊنل آهن، ڪين اليڪشن ۾ عبرتناڪ شڪست جو ڊپ آهي، پاڪستان ۾ هن وقت ملڪي تاريخ جي ڪمزور ترين جمهوريت آهي، اهڙي صورتحال ۾ اميد رڳو عدليا مان آهي

حياتي کي پيش خطرن کي نظر ۾ رکندي جج منهنجي حفاظت جو حڪم ڏنو، جنهن نموني مون کي گرفتار ڪيو اهو سڀ حيران ڪندڙ هو، اڄ تائين ڪنهن سياستدان مٿان ڏيڍ سئو ڪيس ناهن ٿيا

اسلام آباد هاءِ ڪورٽ مان مون کي ائين پڪڙيو ويو جڻ مان ڪو وڏو دهشتگرد هجان، حڪومت جو منصوبو مون کي ۽ منهنجي جماعت کي چونڊن کان ٻاهر ڪرڻ آهي

حڪمران مون کان ڊنل آهن، هو خوف ۾ وٺجي ويا آهن ۽ غلط فيصلا ڪري رهيا آهن، ملڪ جي سمورن بحرانن جو حل اليڪشن آهي، شفاف چونڊون ڪرايون وڃن ته سمورا بحران ختم ٿي ويندا

مون کي مارڻ جي هيو پيرو ڪوشش ڪئي وئي، مان هر قسم جي تشدد جي مذمت ڪريان ٿو، ڪهڙي مُلڪ ۾ سڀ کان وڏي پارٽي جي اعليٰ قيادت کي اهڙي طرح گرفتار ڪرڻ يا نظربند ڪيو ويندو آهي؟

پاڪستان ۾ بنيادي انساني حقن جي لتاڙ ٿي رهي آهي، پوليس وارا منهنجي گهر جو دروازو ٽوڙي اندر داخل ٿيا: پرڏيهي ميڊيا کي انٽرويو

لاهور (م ر د) پاڪستان تحريڪ انصاف جي سربراهه ۽ اڳوڻي وزيراعظم عمران خان چيو ته موجوده حڪومت ۽ اسٽيبلشمينٽ مون کان ڊنل آهن، ڪين اليڪشن ۾ عبرتناڪ شڪست جو ڊپ آهي، پاڪستان ۾ هن وقت ملڪي تاريخ جي ڪمزور ترين جمهوريت آهي، اهڙي صورتحال ۾ اميد رڳو عدليا مان آهي. پرڏيهي ميڊيا کي انٽرويو ڏيندي پي ٽي آءِ چيئرمين چيو ته حڪومت ۽ ان جا سرپرست مون /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 04

لاهور: اڳوڻو وزيراعظم عمران خان پرڏيهي ميڊيا کي انٽرويو ڏئي رهيو آهي

9 مئي وارا واقعا منصوبابندي تحت ٿيا، اڳواٽ طئي ٿيل هو ته ڪٿي ڪٿي حملو ڪرڻو آهي: محسن نقوي

عمران خان جي گرفتاري خلاف صوبي ۾ ٿيل پرتشدد مظاهرن ۾ فوجي تنصيبات تي منصوبابندي تحت حملا ڪيا ويا

پڇ ڏاهه جي ڪارروائين دوران 6 سئو ڪروڙ روپين جو نقصان ٿيو، هنيئر تائين ٻن هزارن کان وڌيڪ ماڻهن کي گرفتار ڪري ورتو آهي

جناح هائوس تي حملو ڪندڙ ڪو پاڪستاني نه ٿو ٿي سگهي، حملو ڪندڙ سڀ دهشتگرد آهن، گرفتار ماڻهن جي وڊيو شاهدين ۽ ثبوتن ذريعي سڃاڻپ ڪئي وئي آهي

وگڙن ۾ 6 سئو ڪروڙن جو نقصان ٿيو، سي ايس ڊي اسٽور ڦريو ۽ ساڙيو ويو، 2 ميٽرو اسٽيشنز ساڙيا ويا، ريسڪيو 112 جون 8 گاڏيون ساڙيون ويون

لاهور (م ر د) پنجاب جي نگران وڏي وزير محسن نقوي چيو آهي ته عمران خان جي گرفتاري خلاف صوبي ۾ ٿيل پرتشدد مظاهرن ۾ فوجي تنصيبات تي منصوبابندي تحت حملا ڪيا ويا، اڳواٽ طئي ٿيل هو ته ڪٿي ڪٿي حملو ڪرڻو آهي. ڪيسن کي انجام تائين پهچائينداسين لاهور ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي محسن نقوي چيو ته فوجي تنصيبات تي حملن ۾ ملوث هر ماڻهو گرفتار /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 05

لاهور: پنجاب جو نگران وڏو وزير محسن نقوي پريس ڪانفرنس ڪري رهيو آهي

اڳ عمران لڪي ۽ هاڻي کلي حملا ڪري رهيو آهي، جج وائڪا ٿي ويا

اسلام آباد (م ر د) عمران خان اڳ لڪي ۽ هاڻي چيف جسٽس جي ڪلهن تي ويهي اسٽيبلشمينٽ تي کليل سڌا حملا ڪري رهيو آهي. ناميارو صحافي حسنات ملڪ جو چوڻ آهي ته چيف جسٽس عمران خان جي حمايت ۾ سموريون آئيني، قانوني ۽ اخلاقي حدون اورانهگي چڪو آهي ۽ عمران خان سان گڏ جي اسٽيبلشمينٽ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 07

وفاقي وزيرن جي فضل الرحمان سان ملاقات، سُپريم ڪورٽ ٻاهران ڌرڻو نه هڻڻ جي اپيل

ملاقات ۾ وفاقي وزيرن مولانا فضل الرحمان کي سُپريم ڪورٽ ٻاهران ڌرڻو نه هڻڻ جي اپيل ڪئي

ڪجھ ڏينهن اڳ به ملڪ ۾ حالتون خراب ٿيون تنهنڪري وفاقي سرڪار چاهي ٿي ته پي ڊي ايم، ڊي چوڪ تي احتجاج ڪري: اسحاق ڊار

فيصلو هاڻي عوام جي عدالت ۾ ٿيندو، سموري مُلڪ کان قافلا اسلام آباد ڏانهن روانا ٿي چڪا آهن: مولانا فضل الرحمان

اسلام آباد (م ر د) سُپريم ڪورٽ ٻاهران ڌرڻي واري معاملي تي وفاقي وزيرن پي ڊي ايم سربراهه مولانا فضل الرحمان سان ملاقات ڪئي آهي، ٽائي واري وفاقي وزير اسحاق ڊار ۽ گهرو وزير راڻا ثناءالله پاڪستان ڊيمو ڪريٽڪ موومينٽ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 06

وفاقي ڪئبنيٽ ڪاتي پاران نئين ڊجيٽل آدم شماري ۾ وڌيڪ واڌ نه ڪرڻ جو فيصلو

شماريات کاتي طرفان سمورن صوبائي آدم شماري ڪمشنرن ۽ چيف ڪمشنر اسلام آباد ڏانهن خط لکيو ويو

خط ۾ آدم شماري جو فيلڊ ورڪ 15 مئي تائين هر صورت ۾ مڪمل ڪرڻ جي هدايت ڪئي وئي

اسلام آباد (م ر د) وفاقي ڪئبنيٽ ڪاتي نئين ڊجيٽل آدم شماري ۾ وڌيڪ واڌ نه ڪرڻ جو فيصلو ڪيو آهي. شماريات ڪاتي طرفان سمورن صوبائي آدم شماري ڪمشنرن ۽ چيف ڪمشنر اسلام آباد ڏانهن خط لکيو ويو آهي جنهن ۾ آدم /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 08

جنرل هيڊ ڪوارٽر تي حملو ڪندڙن جون تصويرون جاري

پرتشدد مظاهرن ۾ شامل 4 عورتن سميت 14 ماڻهن جي سڃاڻپ ڪئي وئي

پرتشدد مظاهرن ۾ شامل ٻي سئو کان وڌيڪ ماڻهن جي سڃاڻپ جو عمل مڪمل ڪيو ويو

راولپنڊي (م ر د) پي ٽي آءِ چيئرمين عمران خان جي گرفتاري ڪانپوءِ جنرل هيڊڪوارٽر (جي ايڇ ڪيو) راولپنڊي تي حملو ڪندڙن جون تصويرون جاري /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 09

جي ايڇ ڪيو تي حملي ۾ ملوث 76 جوابدار گرفتار، 17 ڪيس داخل

تشدد مظاهرن دوران سڀ کان وڏو واقعو جي ايڇ ڪيو گيٽ وٽ پيش آيو: سي پي او راولپنڊي

پنڊي مان مجموعي طور تي 264 ماڻهن کي گرفتار ڪيو ويو آهي، وڊيو ۾ نظر ايندڙ اٽڪل سمورا جوابدار گرفتار ڪيا ويا آهن

پوليس جا سمورا ثبوت عدالت ۾ قابل قبول آهن، پرتشدد مظاهرين پوليس جي ويھ گاڏين کي نقصان پهچايو

راولپنڊي (م ر د) راولپنڊي جي سي پي او خالد همداني چيو آهي ته جنرل هيڊ ڪوارٽر (جي ايڇ ڪيو) تي حملي ۾ ملوث 76 ڄڻن گرفتار ڪيو ويو آهي، جڏهن ته 17 ڪيس داخل ڪيا ويا آهن سي پي او راولپنڊي جو پريس ڪانفرنس ڪندي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 10

راولپنڊي: جي ايڇ ڪيو تي حملي ۾ ملوث جوابدار گرفتاري بعد بيٺل آهن پٺي پاسي سي پي او پريس ڪانفرنس ڪندي

گرفتاري بعد جيڪو ٿيو ان جي منصوبابندي عمران خان ڪئي هئي: احسن اقبال

جڏهن اوهان کان رسيدون گهريون وينديون آهن ته اوهان جناح هائوس ساڙي ڇڏيندا آهيو، عمران خان جواب ڏي

پي ٽي آءِ سوشل ميڊيا مان ڪوڙيٽ مهم ذريعي مُلڪ کي سوڊان بڻائڻ چاهي ٿي، مُلڪ دشمني تي شرم اچڻ کپي

عمران خان جي گرفتاري بعد مراد سعيد چيو ته ڪارڪن ٽارگيٽ ۽ ڊيوٽي تي پهچي ٽاسڪ پورو ڪيو

نارووال (م ر د) پاڪستان مسلم ليگ نون جي اڳواڻ ۽ وفاقي وزير احسن اقبال چيو آهي ته عمران خان جي گرفتاري تي جيڪو ڪجھ ٿيو ان جي منصوبابندي پاڻ عمران خان ڪئي هئي. نارووال ۾ ميڊيا سان ڳالهائيندي احسن اقبال چيو ته جڏهن اوهان کان رسيدون گهريون وينديون آهن ته اوهان جناح هائوس ساڙي ڇڏيندا آهيو هن پي ٽي آءِ چيئرمين کي مخاطب ڪندي چيو ته عمران خان، اوهان کي جواب ڏيڻ گهرجي ۽ رسيدون ڏيڻ گهرجن. هن جو چوڻ هو ته اڄ پاڪستان سخت بحران مان گذري رهيو آهي، عمران /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 11

عمران خان جي گرفتاري تي جيڪو ڪجھ ٿيو ان جي منصوبابندي پاڻ عمران خان ڪئي هئي: احسن اقبال

جڏهن اوهان کان رسيدون گهريون وينديون آهن ته اوهان جناح هائوس ساڙي ڇڏيندا آهيو

اڄ پاڪستان سخت بحران مان گذري رهيو آهي، عمران خان هر اداري کي تباهه ڪري ڇڏيو

پي ٽي آءِ سوشل ميڊيا مان ڪوڙيٽ مهم ذريعي مُلڪ کي سوڊان بڻائڻ چاهي ٿي، مُلڪ دشمني تي شرم اچڻ کپي

ن ليگ جو اڳواڻ احسن اقبال

نارووال (م ر د) پاڪستان مسلم ليگ نون جي اڳواڻ ۽ وفاقي وزير احسن اقبال چيو آهي ته عمران خان جي گرفتاري تي جيڪو ڪجھ ٿيو ان جي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 12

چيف جسٽس جي استعيفيٰ تائين پي ڊي ايم جو ڌرڻو جاري رهندو: عطاالله تارڙ

مولانا فضل الرحمان جيڪو حڪم ڪندو ان تي عمل ڪيو ويندو

مولانا فضل الرحمان جي جماعت منظم آهي ۽ هو ڊسپلن جا پابند آهن

اسلام آباد (م ر د) وزيراعظم شهباز شريف جي خاص مددگار ۽ مسلم ليگ نون جي اڳواڻ عطاءالله تارڙ چيو آهي ته چيف جسٽس عمر عطا بنديال /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 13

اسلام آباد: وزيراعظم جو خاص صلاحڪار عطا الله تارڙ پريس ڪانفرنس ڪري رهيو آهي

ڪراچي مان ايم پي اي فردوس نقوي گرفتار، سينيٽر سيف الله نيازي اسلام آباد ۾ سوگهو

پي ٽي آءِ اڳواڻ ۽ ايم پي اي فردوس شميم نقوي کي پوليس ان وقت گرفتار ڪيو جڏهن هو پهلوان ڳوٺ جي علائقي مان ريلي ڪڍي رهيو هو

فردوس شميم نقوي خلاف مختلف ٿاڻن ۾ نوَمئي وارن واقعن بعد ڪيترائي ڪيس داخل ٿيا آهن: پوليس

اسلام آباد پوليس سينيٽر سيف الله خان نيازي کي به گرفتار ڪري ڪيس اڻڄاتل هنڌ منتقل ڪري ڇڏيو

ڪراچي (م ر د) پاڪستان تحريڪ انصاف جي اڳواڻ فردوس شميم نقوي ۽ سينيٽر سيف الله خان نيازي کي گرفتار ڪيو ويو آهي. ميڊيا رپورٽن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 14

ڪراچي مان گرفتار ڪيل ايم پي اي فردوس نقوي

پنجاب ۾ دهشتگردي جو وڏو منصوبو ناڪام، چار دهشتگرد گرفتار

پنجاب ۾ دهشتگردي جو وڏو منصوبو ناڪام، چار دهشتگرد گرفتار

گرفتار دهشتگردن وٽان بارودي مواد ۽ آپگهاتي جيڪٽ ٺاهڻ جو سامان هٿ ڪيو ويو

لاهور (م ر د) پنجاب ۾ دهشتگردي جو وڏو منصوبو ناڪام بڻايو ويو آهي. سي ٽي ڊي ڪارروائيون ڪندي چئن دهشتگردن کي گرفتار ڪري ورتو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 15

اوگرا طرفان پيٽروليم شين جي اگهن ۾ لاٿ جي تجويز ڪئي وئي

پيٽرول جي اگهه ۾ في ليٽر ست کان ڏهه رُپيا لاٿ جو امڪان

اوگرا پيٽروليم شين جي اگهن بابت سمري حڪومت ڏانهن اُماڻي ڇڏي

اسلام آباد (م ر د) اوگرا طرفان پيٽروليم شين جي اگهن ۾ لاٿ جي تجويز ڪئي وئي آهي. پيٽروليم ڊويزن جي ذريعن موجب پيٽرول جي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 16

سي اي او واٽر بورڊ جي هدايتن تي انچارج اينٽي ٿيفٽ سيل واٽر بورڊ ايڪشن ۾ اچي ويو

تابش رضا حسنين پاران پوليس سان گڏجي پاڻي چورن خلاف ڪارروايون تيز ڪري ڇڏيون

منگهوپير روڊ تي آپريشن دوران چار چار انچن جي ٻن غير قانوني ڪنيڪشن جي ڪوشش ناڪام بڻائي ڇڏي

ڪارروائي دوران هزارين ميٽر پاڻي جي پائپ سميت ٻيو سامان ۽ ايسڪويٽر برآمد ڪيو

ڪراچي (رپورٽ) سي اي او واٽر بورڊ انجنيئر سيد صلاح الدين احمد جي خصوصي هدايتن تي عملدرآمد ڪندي تي انچارج اينٽي ٿيفٽ سيل واٽر بورڊ تابش رضا حسنين پاران پوليس سان گڏجي پاڻي چورن خلاف ڪارروايون تيز ڪندي منگهوپير /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 17

ڪراچي: انچارج اينٽي ٿيفٽ سيل واٽر بورڊ تابش رضا پاران ڪارروائي دوران غير قانوني ڪنيڪشن ڪاٽيو پيو وڃي

سپريم ڪورٽ رجسٽرار جي سڏايل اجلاس ۾ پوليس آفيسر شريڪ نه ٿيا

لاهور (م ر د) سپريم ڪورٽ جي سيڪيورٽي بابت سڏايل اجلاس ۾ صرف ڊپٽي ڪمشنر شرڪت ڪئي پوليس، رينجرز ۽ ٻين سيڪيورٽي ادارن جا آفيسر اجلاس ۾ شريڪ نه ٿيا. صحافي گوهر بٽ جو چوڻ آهي ته سمورن سيڪيورٽي ادارن جا سربراهه گهرو وزير راڻا ثنا الله جي ماتحت آهن. جيستائين اهو اجازت نه ڏيندو يا هدايت نه ڪندو ته رجسٽرار جي هدايت تي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 22

روس ـ يوڪرائن جنگبندي لاءِ چين سرگرم

خطي ۾ روس ۽ چين جي اڳواڻيءَ ۾ جڙندڙ نئين بلاڪ کي ڪامياب ڪرڻ لاءِ سرگرم آهي: صحافي

پاڪ-انڊيا ۾ دوستاڻن لاڳاپن لاءِ به چين ڳجهه ڳوهه ۾ ڪوششون تيز ڪري ڇڏيون آهن

لاهور (م ر د) روس ۽ يوڪرائن ۾ جنگ بند ڪرائڻ لاءِ چين ٽياڪڙي جو ڪردار ادا ڪري ٻنهي ملڪن کي ڳالهين جي ميز تي آڻڻ لاءِ سرگرم /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 18

گورنر هائوس ۾ لڳل گهنٽي وڄائي ماڻهن پنهنجو شڪايتون رڪارڊ ڪرايون

سنڌ جي گورنر ڪامران خان ٽيسوري پاڻ انهن ماڻهن جون شڪايتون ٻڌيون

جيڪڏهن هالن کي غيرقانوني طور ڊاهيو ويو ته انصاف ڪيو ويندو: هال مالڪن کي خاطري

گهنٽي لڳائڻ جو مقصد نه ٻڌڻ وارن ماڻهن جا مسئلا حل ڪرڻ آهي: گورنر سنڌ ڪامران ٽيسوري

ڪراچي (رپورٽر) گورنر هائوس ۾ گهنٽي لڳڻ ڪانپوءِ رات 12 وڳي کان صبح 4 وڳي تائين 21 ماڻهن پنهنجي شڪايتن لاءِ گهنٽي وڄائي، سنڌ جي گورنر ڪامران خان ٽيسوري پاڻ انهن ماڻهن جون شڪايتون ٻڌيون. سنڌ جي گورنر ايس ايڇ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 19

ڪراچي: گورنر سنڌ ڪامران ٽيسوري گهنٽي وڄائيندڙ ماڻهن جا مسئلا ٻڌي رهيو آهي

عمران خان اقتدار ۾ اچي مُلڪي سيشن ۽ سي پيڪ جو ٻيڙو ٻوڙي ڇڏيو: علامه راشد محمود سومرو

چورن کان چوڪيدارو ڏيارڻ جو چئي پاڻ ست ارب رُپيا هڙپ ڪري ويو

ملڪ ادارن تي حملو ڪندڙ شخص پاڪستان جي دشمنن جو ساٿي بڻيل آهي

نوشهروفيروز (م ر د) جي يو آءِ اڳواڻ علامه راشد محمود سومري چيو آهي ته بيوقوف بڻائيندڙ شخص هڪ ڪروڙ گهر، پنجاهه هزار نوڪريون ڏيڻ جو واعدو ڪيو هو. چورن کان چوڪيدارو ڏيارڻ جو چئي پاڻ ست ارب رُپيا هڙپ ڪري ويو. پي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 20

ڪراچي ۾ رينجرز جي چوڪي کي باهه ڏيندڙ پيءُ پٽ گرفتار

ڪراچي (م ر د) ڪراچي ۾ رينجرز جي چوڪي کي باهه لڳائيندڙ پيءُ پٽ کي گرفتار ڪري ڪيس داخل ڪيو ويو آهي. پوليس موجب، جوابدارن نوَمئي تي شارع فيصل وٽ رينجرز چوڪي باهه ڏني هئي. جوابدارن رينجرز چوڪي ڏيڻ واري وڊيو سوشل ميڊيا تي وائرل به ڪري ڇڏي هئي. پوليس جو چوڻ آهي ته گرفتار جوابدار عبدالحميد پنهنجي ڏوهه تي معافي گهري /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 21

لاهور: وزيراعظم شهباز شريف سان سينيٽر شاهين بٽ ملاقات ڪري رهيو آهي

سنڌ بلڊنگ ڪنٽرول اٿارٽي پاران ڪراچي ۾ غير قانوني اڏاوتن خلاف آپريشن شروع ڪرڻ جو فيصلو

بلڊنگ پلان جي منظوري کانسواءِ رهائشي پلاٽن تي غيرقانوني اڏاوتن خلاف به ڪارروائي ڪئي ويندي: ياسين شر

گهڻ ماڙ عمارتن ۾ پورشن ۽ اضافي منزلون ٺاهڻ وارن خلاف به سخت ڪارروائي ڪئي ويندي

ڪراچي (رپورٽر) ڊائريڪٽر جنرل سنڌ بلڊنگ ڪنٽرول اٿارٽي محمد ياسين شر بلوچ چيو آهي ته ڪراچي ۾ غير قانوني اڏاوتن خلاف ڪارروائي ڪئي ويندي. بلڊنگ پلان جي منظوري کانسواءِ رهائشي پلاٽن تي غيرقانوني اڏاوتن خلاف به ڪارروائي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 23

سنڌ جي گورنر جي ڊي سي فري بس ٽرانسپورٽ جو افتتاح ڪري ڇڏيو

بسن جو روٽ، سرجاني ٽائون کان ٽاور، اورنگي کان ٽاور ۽ سهراب ڳوٺ کان قائدآباد تائين ٿيندو

بلديه عظميٰ ڪراچي جي بسون به جي ڊي سي حوالي ڪيون وينديون: گورنر ڪامران ٽيسوري

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي گورنر ڪامران خان ٽيسوري جي ڊي سي فري بس ٽرانسپورٽ جو افتتاح ڪري ڇڏيو. ان موقعي تي جي ڊي سي سربراهه ظفر عباس ۽ مختلف شعبن سان تعلق رکندڙ ماڻهو پڻ موجود هئا. بسن جو روٽ، سرجاني /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 24

حڪمرانن جي ايجنڊا مان غريب عوام گم آهي: اياز لطيف پليجو

بيروزگاري، غربت ۽ مهانگائي سبب هيٺين ۽ وچولو طبقو ٻٽر جي ڊوري واري زندگي گذارڻ تي مجبور آهي

سياسي پارٽين جي مفادن جي جنگ ۾ پاڪستاني عوام نشانو بڻيل آهي: سربراهه قومي عوامي تحريڪ

حيدرآباد (اسٽاف رپورٽر) قومي عوامي تحريڪ جي سربراهه اياز لطيف پليجي چيو آهي ته حڪمران پارٽين، عدليه ۽ اسٽيبلشمينٽ جي 2016 کان وٺي تضاد ۽ ٽڪراءَ سبب قومي ايجنڊا مان هاري، مزدور، شاگرد، عورتون ۽ ملازم طبقو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 25

اسلام آباد: وفاقي وزير سينيٽر طلحه محمود پريس ڪانفرنس ڪري رهيو آهي

ڪراچيءَ جي مختلف علائقن ۾ فائرنگ جي واقعن ۾ ٻن عورتن سميت 5 ڄڻا مارجي ويا

گلشن سرجاني ۾ ڪارتي اڻڄاتل هٿيار بندن جي فائرنگ ۾ به ڄڻا مارجي ويا، قتل ٿيل ٻن ڄڻن جي سڃاڻپ ٿي وئي

مقتول پاڻ ۾ دوست هئا جن سڃاڻپ نسيم جاويد ۽ بئي جي بابر جي نالي سان ٿي، ظاهر طور واقعو ڦر دوران مزاحمت جو لڳي

بلديه گلشن غازي ۾ ڏير جي فائرنگ ۾ نورين بي بي نالي عورت مارجي وئي، واردات بعد جوابدار رفاقت موقعي تان فرار ٿي ويو

ڪراچي (م ر د) ڪراچي جي مختلف علائقن ۾ فائرنگ جي واقعن ۾ ٻن عورتن سميت پنج ڄڻا مارجي ويا ۽ چار ڄڻا زخمي ٿي پيا آهن. پوليس موجب /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 26

ٽڪ ٽاڪر حريم شاهه جي مولانا فضل الرحمان کي ڌمڪي

ڪراچي (م ر د) پاڪستان جي مشهور ٽڪ ٽاڪر حريم شاهه پاڪستان تحريڪ انصاف جي چيئرمين ۽ اڳوڻي وزيراعظم عمران خان، سندس ٽئين زال بشريٰ بي بي جي نڪاح کي جعلي چوڻ تي مفتي قوي تي تنقيد ڪئي حريم شاهه ٽوئيٽ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 28

مئي واقعا، پي ٽي آءِ اڳواڻ محمد الرشيد به گرفتار

ميان محمود الرشيد کي ڊيفنس جي علائقي مان گرفتار ڪيو ويو

ميان محمود الرشيد خلاف نوَمئي وارن واقعن ۾ ملوث هجڻ جو ڪيس داخل آهي: پوليس

لاهور (م ر د) پاڪستان تحريڪ انصاف جو سينيئر اڳواڻ ميان محمود الرشيد کي به گرفتار ڪيو ويو آهي، لاهور پوليس موجب، ميان محمود الرشيد /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 27

پاڪستان کان اٺ ارب ڊالر فنانسنگ جو مطالبو ناهي ڪيو: آءِ ايم ايف

آءِ ايم ايف پاڪستان جي پائيوارن طرفان مالي مدد تي حمايت جاري رکندو: ترجمان

آءِ ايم ايف، پاڪستان کان اٺ ارب ڊالر فنانسنگ جو مطالبو ناهي ڪيو

نائين جائزي ۾ طئي ٿيل پاڪستان جي پرڏيهي ادائيگين جي ڪوشش جي حمايت ڪيون ٿا

اسلام آباد (م ر د) آءِ ايم ايف جو چوڻ آهي ته پاڪستان کان اٺ ارب ڊالر فنانسنگ جو مطالبو ناهي ڪيو ويو آهي، پاڪستان ۾ آءِ ايم ايف جي ترجمان /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 31

14 مئي تي چونڊن جو حڪم، اليڪشن ڪميشن جي نظرثاني درخواست تي سپاڻي ٻڌڻي

اسلام آباد (م ر د) سُپريم ڪورٽ جي 14 مئي تي پنجاب ۾ چونڊن واري حڪم جي چار اپريل جي فيصلي خلاف اليڪشن ڪميشن جي نظرثاني واري درخواست ٻڌڻي سپاڻي ٿيندي چيف جسٽس عمر عطا بنديال جي سربراهي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 29

عمران عطا لاڏاڻو ڪري ويو، چيف سيڪريٽري جي تعزيت

عمران عطا سومرو کي دل جو دورو پوڻ سان فوت ٿيو: خانداني ذريعا

چيف سيڪريٽري ڊاڪٽر محمد سهيل راجپوت پاران لاڏاڻي تي ڏک جو اظهار

ڪراچي (رپورٽر) اڳوڻي سيڪريٽري اطلاعات ۽ ورڪس سروسز جو عمران عطا سومرو لاڏاڻو ڪري ويو. خانداني ذريعن موجب عمران عطا سومرو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 30

مٺياڻي ويجهو پلاٽ جي مالڪيءَ تان مشوري برادري جي ٻن ڌرين وچ ۾ جهيڙو

لٺين ۽ ڪهاڙين لڳڻ ڪري ٻنهي ڌرين جا 12 ڄڻا سخت زخمي , اسپتال داخل

ٻن ڌرين وچ ۾ اوطاق جي پلاٽ واري مامري تان هلندڙ پراڻو تڪرار اوچتو ڀڙڪي اٿيو

علي اصغر مشوري ، رحمت الله مشوري ، نويدعلي مشوري ، پيربخش مشوري ، شاهدعلي زخمي

نوشهرو فيروز (رپورٽ:منظور ملڪ) مٺياڻي ٿاڻي جي حد ڳوٺ گل محمد مشوري ۾ مشوري برادري جي ٻن ڌرين ۾ پلاٽ جي معامري تان جهيڙو لٺيون ۽ ڪهاڙيون لڳڻ سبب ٻنهين ڌرين جا ويهه ڄڻا زخمي هڪ ڄڻي چنيسر جي حالت ڳڻتي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 01

نوشهروفيروز: پلاٽ جي معاملي تان مشوري برادري جي ٿيل جهيڙي جو ڏيک

سکر جي عيد گاهه لڳ هل ٽاپ بار بي ڪيو جي هوٽل ۾ پراسرار طور تي باهه لڳي وئي

سکر(رپورٽ :امداد علي گل ڪلوڙ) سکر جي عيد گاهه لڳ هل ٽاپ بار بي ڪيو جي هوٽل ۾ پراسرار طور تي باهه لڳي وئي، فائربرگيڊ موقعي تي پهچي باهه تي ضابطو آڻي ورتو، هوٽل ۾ رکيل سامان سڙي رک ٿي ويو. تفصيل موجب سکر جي سي سيڪشن ٿاڻي جي حد عيدگاهه روڊ تي پير الاهي بخش ٽاور (هل ٽاپ) باربيڪيو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 05

گهوٽڪي ۾ صحافتي ميدان ۾ پاڻ ملهائيندڙ ريگيوليشن انچارج کي ڀيٽا پيش

ريگيوليشن انچارج ڪامريڊ فضل حسين ڪلهوڙو کي جنم ڏينهن جي مبارڪباد ڏني وئي

سماجي، ادبي، صحافتي، وڪيل، استاد يونين، آپڪا يونين سميت وڏي انگ ۾ ماڻهن جي شرڪت

گهوٽڪي (لالچند موٽواڻي) ايريگيشن جي جان ايريگيشن جي شان، سياسي سماجي، ادبي، صحافتي ميدان ۾ پاڻ ملهائيندڙ ريگيوليشن انچارج ڪامريڊ فضل حسين ڪلهوڙو جو جنم ڏينهن ۽ سنڌس نوڪري جو عرصو پورو ٿيڻ تي شاندار تقريب جنهن ۾ مختلف مڪتب فڪر جي ماڻهن جي شرڪت. تفصيل موجب ريگيوليشن انچارج ڪامريڊ فضل حسين ڪلهوڙو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 06

ٽرين جو اسٽاپ بحال ڪري عوام کي سفر جون سهولتون فراهم ڪيون وڃن: عبدالقادر شيخ

جنگشاهي ۾ سي پيڪ، ڪي فور سميت مختلف ڪمپنين جا ميگا پروجيڪٽ هلندڙ آهن

هزارين ملازمن سميت ضلعي ٺٽي جي عوام کي سفري ڏکيائون پيش اچي رهيون آهن: غلام مصطفيٰ

اسٽيشن تي ريل گاڏين جا اسٽاپ نه هئڻ ڪري ونڊ پلانٽ ملازمن سميت هتان جي عوام کي پريشانيون آهن

ٺٽو (رپورٽ:جاويد لطيف ميمڻ) جنگشاهي ۾ سي پيڪ، ڪي فور سميت مختلف ڪمپنين جا ميگا پروجيڪٽ هلندڙ آهن تنهن جي باوجود پروجيڪٽ ۾ ڪم ڪندڙ هزارين ملازمن سميت ضلعي ٺٽي جي عوام کي سفري ڏکيائون پيش اچي رهيون آهن ان سلسلي ۾ جنگشاهي ريلوي اسٽيشن تي غوث بهاءُ الدين زڪريا ملتان ايڪسپريس ٽرين جو اسٽاپ بحال ڪري عوام کي بهتر /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 09

ٺٽو: اڳواڻ گڏجاڻي ڪري رهيا آهن

ڪامورن جي مجرماڻي ڪوتاهي سبب دادو ڪئنال ۾ پاڻي جي فراهمي نه ٿيڻ سبب آبادگار پريشان

ايريگيشن کاتي جي ڪامورن جي مجرماڻي ڪوتاهي سبب دادو ڪئنال ۾ پاڻي نه پهچي سگهيو آهي

6 مئي تي دادو ڪئنال ۾ پاڻي اچڻو هو پاڻي جي آسري تي فصل پوکي ڇڏيو آهي پاڻي اڃا تائين نه آيو

فصل سڙي ۽ سُڪي رهيو آهي ٻوڏ ۽ برساتن سبب دادو ضلعي جا آبادگار اڳ ئي مالي بحران جو شڪار آهن

دادو(ن سنڌيار) ڪامورن جي مجرماڻي ڪوتاهي سبب دادو ڪئنال ۾ ناڪال، ڪئنال ۾ پاڻي جي فراهمي نه ٿيڻ سبب آبادگارن جي مُنهن تي هٿ اچي ويا، دادو ڪئنال تي ايريگيشن کاتي جي ڪامورن جي مجرماڻي ڪوتاهي سبب دادو ڪئنال ۾ اڃا تائين پاڻي جي فراهمي نه ٿي سگهي آهي جنهن سبب آبادگارن کي مٿي تي هٿ اچي ويا آهن، دادو جي آبادگارن سرور علي، منظور، اعجاز /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 15

نئون ڪوٽ جي آبپاشي عملدارن خلاف ڳوٺ حاجي اوپايو چانڊيو جي رهواسي جو احتجاج

عملدارن اسان جو 50 سالن کان هلندڙ سرڪاري واٽر ڪورس بند ڪرائي ڇڏيو آهي: مظاهرين

آبپاشي عملو واٽر ڪورس بند ڪرائي اسان جا پوکيل فصل سڪائڻ جي سازش ڪري رهيو آهي

سب ڊويزن نئون ڪوٽ جي رڻ شاخ تي جيڪي غير قانوني واٽر ڪورس هلي رهيا آهن: ڳالهيون

نئون ڪوٽ (رپورٽر) سب ڊويزن نئون ڪوٽ جي آبپاشي عملدارن خلاف ڳوٺ حاجي اوپايو چانڊيو جي آبادگارن ممتاز چانڊيو سڪندر علي چانڊيو عبدالحڪيم چانڊيو عبداللطيف چانڊيو ۽ ٻين احتجاج ڪندي ڊانهيندي چيو ته ايس ڊي او ايريگيشن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 16

نئون ڪوٽ: آبپاشي عملدارن خلاف ڳوٺ حاجي اوپايو چانڊيو جا رهواسي احتجاج ڪندي

سکر پوليس گرفتار دهشتگرد پائين خان بگٽي کي عدالت ۾ پيش ڪيو

سکر(رپورٽ :امداد علي گل ڪلوڙ) سکر پوليس گرفتار دهشتگرد پائين خان بگٽي کي عدالت ۾ پيش ڪيو، ڪيس هڪ ڏينهن جي رمانڊ تي پوليس حوالي ڪيو ويو.تفصيل موجب ايچ او جاريد ميمڻ جي سربراهي ۾ جوابدار کي سخت سڪيورٽي هيٺ سکر جي مڪاني عدالت ۾ پيش ڪيو ويو، عدالت جوابدار کي هڪ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 21

سپلا پاران ڪاليج کاتي ۾ ڪرپشن ۽ استادن جي ڏورانهن علائقن ۾ بدلين خلاف احتجاج

بلاجواز استادن کي ايڪسپلينيشن ملڻ واري حڪمنامن کي رد ڪندي احتجاج جو اعلان ڪيو ويو

ٽرانسفر پوسٽنگ پاليسي ٺاهي ڪاليجي استادن کي ويجهو وارين ڪاليجن ۾ مقرر ڪرڻ جو مطالبو

استادن کي جبري رليو ڪيو ويو ته ان ڊائريڪٽوريٽ آفيس آڏو احتجاجي مظاهرو ۽ ڌرڻو لڳايو ويندو

سکر(بيورو رپورٽ) سپلا پاران ڪاليج کاتي ۾ ميڳا ڪرپشن ۽ حيدرآباد سميت سنڌ جي ڪاليجن مان استادن جي ڏورانهن علائقن ۾ بدلين ۽ بلاجواز استادن کي ايڪسپلينيشن ملڻ واري حڪمنامن کي رد ڪندي اڄ سومر ڏهاڙي پريس ڪلب حيدرآباد آڏو احتجاجي مظاهرو ۽ علامتي بک هڙتال ڪئي ويندي، وزير تعليم جي عدم دلچسپي سبب ڪاليج کاتي جو الڳ وزير مقرر /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 22

زندگي ڊولپمينٽ آرگنائيزيشن ۽ سول سوسائٽي دادو جو استادن مٿان حملي خلاف احتجاج

قاتلاڻي حملي خلاف هٿن ۾ پلي ڪارڊ کڻي دادو پريس ڪلب دادو آڏو احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو

محمد بخش ڪورائي، شڪيل ابڙو، منير احمد، محمد ياسين،مرتضيٰ سولنگي پاران ريلي ڪڍي وئي

امان الله بوزدار، علي شير جهيجو، دادو ضلع خزانه آفيسر حسن جان چنگيزي سڌي طرح ملوث آهن: مظاهرين

دادو(ن سنڌيار)زندگي ڊولپمينٽ آرگنائيزيشن ۽ سول سوسائٽي دادو طرفان ٽريزري آفيس دادو جي عملي پاران استادن مٿان ڪيل فائرنگ ۽ قاتلاڻي حملي خلاف پريس ڪلب دادو اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو جنهن ۾ مظاهرين طرفان اهو مطالبو ڪيو ويو ته خزاني آفيس دادو جي عملي پاران استادن جي پر امن احتجاج مٿان اندا ڌنڌ فائرنگ ۽ قاتلاڻي حملي جي شديد مذمت /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 27

دادو: سول سوسائٽي دادو جو استادن مٿان حملي خلاف احتجاجي مظاهرو ڪيو پيو وڃي

گهوٽڪي جسقم ضلع ڪائونسل جو اجلاس، ڌاري آبادڪاري خلاف احتجاجي مظاهري جو اعلان

گهوٽڪي (رپورٽ لالچند موٽواڻي) جسقم ضلع ڪائونسل جو اجلاس ضلع صدر فقير رمضان ڪلوڙ جي صدارت ۾ ٿي گذريو جنهن ۾ ڌرڪي ۽ ميرپورماٿيلو لاءِ آرگنائيزرنگ ڪاميٽي ۽ ڌاري آبادڪاري ۽ سنڌ ۾ ٻاهرين جي ڪوٽ خلاف 10جون تي سنڌ پنجاب بارڊر ڪمون شهيد کان اوباوڙو تائين پيادل مارچ ڪرڻ جو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 28

ڊپٽي ڪمشنر دادو جي هدايت تي اي سي پاران ڪم جو جائزو ورتو، عملدارن پاران بريفنگ

عملدارن سان گڏجي مختلف علائقن جو دورو ڪري مردم شماري جي ٿيل ڪم جو جائزو ورتو

مستقبل جي ضرورتن کان واقف ٿيڻ بابت مردم شماري جو ڪليدي ڪردار آهي: اسسٽنٽ ڪمشنر

علائقي جي معززين ۽ ماڻهن ۾ مردم شماري جي فائدن بابت آگاهي ۽ شعور پيدا ڪيو وڃي: ڳالهيون

دادو(عزيزالله خاصخيلي) ڊپٽي ڪمشنر دادو سيد مرتضيٰ علي شاهه جي هدايت تي اسسٽنٽ ڪمشنر دادو ۽ ٻين واسطيدار عملدارن سان گڏجي دادوشهر سميت مختلف علائقن جو دورو ڪري مردم شماري جي ٿيل ڪم جو جائزو ورتو ان موقعي تي اسسٽنٽ ڪمشنر دادو ڊاڪٽر شاهنواز ميراڻي چيو ته تعلقو دادو آبادي جي مستقبل جي ضرورتن کان واقف ٿيڻ بابت مردم شماري /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 30

نئون ڪوٽ ۾ موٽر سائيڪل چوري جي وارداتن تي ضابطو نه آيو

دڪان ٻاهران بيٺل موٽر سائيڪل نامعلوم چور کاهي فرار ٿي ويا

موٽر سائيڪل چوري جي وارداتن سبب ماڻهن جو جيئڻ جنجال ٿي ويو آهي

نئون ڪوٽ (رپورٽر)نئون ڪوٽ ۾ موٽر سائيڪل چوري جي وارداتن تي ضابطو نه آيو، شهري جو دڪان ٻاهران موٽر سائيڪل چوري، خبر موجب نئون ڪوٽ جي شاهي بازار مان شهري راجو مالهي جو دڪان ٻاهران بيٺل موٽر سائيڪل /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 02

دادو ۾ مسافر ريل گاڏين جي بحالي لاءِ سيتا سرجٺهار فورم پاران احتجاج

مشهور ميمڻ جي اڳواڻي ۾ سيتاروڊ رحماني نگر ريلوي اسٽيشن تي احتجاج ڪيو ويو

امجد علي ڪوسو، محمد يوسف راهوجو، محمد صادق سولنگي ۽ ٻين شهرين پاران مظاهرو ڪيو ويو

دادو(عزيزالله خاصخيلي) روهڙي، لاڙڪاڻو، دادو، ڪوٽڙي ريلوي لائين تي مسافر ريل گاڏين جي بحالي لاءِ سيتا سرجٺهارفورم جي سڏ تي 112 ڏينهن بعد مشهور ميمڻ جي اڳواڻي ۾ سيتاروڊ رحماني نگر ريلوي اسٽيشن تي احتجاج ڪيو ويو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 04

دادو: مسافر ريل گاڏين جي بحالي لاءِ احتجاج ڪيو پيو وڃي

شهيدن جي شهر راسين کان امن کسجي ويو، ڏينهن ڏٺي هٿيار بندن هٿان فوجي قتل

حاضر سروس فوجي جوان جهانگير عرف جاني پٽ محرم علي سومرو کان موٽر سائيڪل ڦر

ڦورن سان مزاحمت ڪرڻ تي هٿيار بندن فوجي جوان کي مٿي ۾ گولي هڻي مرٽينگ ڪري ڇڏيو

ٺرو ديرو (رپورٽر) شهيدن جي شهر راسين کان امن کسجي ويو، ڏينهن ڏٺي هٿيار بند ڦورو حاضر سروس فوجي جوان کان ڦر ڪري ويا مزاحمت تي مٿي ۾ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 08

عمران خان لاءِ انصاف بروقت ۽ سستو هجڻ گهرجي: ناصر حسين شاهه

عمران نيازي کي هول سيل جي بنياد تي نه پر سڄي ڄمار جون ضمانتون ڏيڻ گهرجن

انصاف حاصل ڪرڻ لاءِ دنيا ۽ پاڪستان جي انصاف واري نظام کي تباهه ڪري رهيو آهي

ڪراچي (رپورٽر) مڪاني ادارن واري وزير سيد ناصر حسين شاهه ملڪ جي سياسي صورتحال تي دلچسپ تبصرو ڪندي چيو آهي ته عمران خان لاءِ انصاف بروقت ۽ سستو هجڻ گهرجي ڇو ته سندس پارٽي جو نالو "انصاف" آهي هن وڏيڪ چيو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 10

دادو ۾ ڪرڪيٽ بورڊ پاران سينيئر ڊسٽرڪٽ ڪرڪيٽ جا ٽرائيل

بورڊ پاران لاڙڪاڻو ريجن کان مظهر ديناري، اڪرم رند کي ڪوچ مقرر ڪيو ويو

فاروق احمد وگهيو، بلاول لنڊ، جاويد احمد وگهيو، راجا الطاف عباسي ۽ ٻين پاران شرڪت

دادو(عزيزالله خاصخيلي) دادو ۾ پاڪستان ڪرڪيٽ بورڊ پاران سينيئر ڊسٽرڪٽ ڪرڪيٽ جا ٽرائيل دادو جي پي سي بي گرائونڊ تي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 13

دادو: پاڪستان ڪرڪيٽ بورڊ جي رانديگرن جو گروپ فوٽو

جمعيت علماءِ اسلام ف گروپ سپريم ڪورٽ اڳيان احتجاج ڪرڻ لاءِ قافلو روانو

صوبائي جنرل سيڪريٽري مولانا راشد محمود سومري جي اڳواڻي ۾ سوين گاڏين جو قافلو نڪتو

تحريڪ انصاف جي اڳواڻ عمران خان نيازي ملڪ کي يرغمال ڪري ملڪ کي ڪنگال ڪري ڇڏيو: اڳواڻ

نوشهرو فيروز(رپورٽ:منظور ملڪ) جمعيت علماءِ اسلام ف گروپ سپريم ڪورٽ اڳيان احتجاج ڪرڻ لاءِ سومري سنڌ مان قافلا روانا صوبا سنڌ جو قافلو جمعيت علماءِ اسلام جي صوبائي جنرل سيڪريٽري مولانا راشد محمود سومري /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 17

ٽنڊو محمد خان ۾ سنڌ ترقي پسند پارٽي پاران ايس ايڇ او بي سيڪشن خلاف احتجاج

ڪارڪنن سان اڏنگو رويو اختيار ڪرڻ خلاف راڌڙڪي موري اسٽاپ وٽ احتجاج ڪيو ويو

راشي ايس ايڇ او بي سيڪشن کي هٽائي ستي ساک رکندڙ ايس ايڇ او مقرر ڪيو وڃي

ٽنڊو محمد خان (رپورٽ:مظفر علي بروهي) سنڌ ترقي پسند پارٽي ٽنڊو محمد خان ستي پاران ايس ايڇ او بي سيڪشن جي ڪرپشن ۽ ڪارڪنن سان اڏنگي رويي خلاف ترقي پسند هائوس کان ريلي ڪڍي پريس ڪلب آڏو احتجاجي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 19

ٽنڊو محمد خان: سنڌ ترقي پسند پارٽي جا ڪارڪن ايس ايڇ او بي سيڪشن خلاف احتجاج ڪندي

سکر ۾ آفيسرز ايسوسيئيشن جي آفيسرن پاران ميرٽ جي لتاڙ خلاف احتجاج

محمد منير شاهه محمد مراد پيرزادو محمد جمن شاهه پريس ڪلب ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي

رجسٽرار جي غلط پاليسين جي ڪري اسان خوشي سان هٽي ناهيون آيا. نوٽيس ڙرتو وڃي: مطالبو

سکر(رپورٽ امداد علي گل ڪلوڙ) شا عبد الطف ونورسٽي جي آفيسرز ايسوسي ايشن خيرپو پاران سکر پريس ڪلب ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي محمد منير شاهه محمد مراد پيرزادو محمد جمن شاهه جن چيو آهي ته اسان سان ناانصافي ٿي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 24

پسند جي شادي ڪندڙ جوڙو تحفظ لاءِ پرياسٽي پريس ڪلب پهچي ويو

گهران پنهنجي مرضي سان اڪيلي نڪري مڙس وٽ پهتي آهيان: ڪنول حيدر شاهه

وارث شبير شاهه کي ڪوڙن ڪيسن ۾ جيل موڪلي ڇڏيو ۽ مون تي سخت تشدد ڪندا رهيا

نوشهرو فيروز (رپورٽ:منظور ملڪ) پسند جي شادي ڪندڙ جوڙو تحفظ لاءِ پرياسٽي پريس ڪلب پهچي ويو مان گهران پنهنجي مرضي سان اڪيلي نڪري مڙس وٽ پهتي آهيان ۽ منهنجا مائٽ منهنجي يتيم نينگر کي ماري ڇڏيندا مسمات /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 26

ٽنڊو محمد خان جي القاسم ٽائون جي رهواسي پاران باٿرن خلاف احتجاجي مظاهرو

فقير محمد علي سهتو پنهنجي معصوم ٻارڙن سان گڏ پريس ڪانفرنس ڪندي احتجاج ڪيو

حملي آورن خلاف لکت ۾ درخواستون ڏنيون آهن پر پوليس ڪا به ڪارروائي نه پئي ڪري: ڳالهيون

ٽنڊو محمد خان (رپورٽ:مظفر علي بروهي) ٽنڊو محمد خان جي القاسم ٽائون جي رهواسي فقير محمد علي سهتو پنهنجي معصوم ٻارڙن سان گڏ ٽنڊو محمد خان پريس ڪلب ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي چيو آهي ته بلاوجه منهنجو مامون /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 29

ٽنڊو محمد خان: القاسم ٽائون جو رهواسي فقير محمد علي سهتو پنهنجي ٻارڙن سان گڏ احتجاج ڪندي

پريارو پرسان ڳوٺ دائود لاکو واسي ڳوٺاڻن ۽ عورتن پاران احتجاجي مظاهرو

پريارو پوليس اسان جا ٻه نوجوان عجيب ۽ مصيم لاکو جڙتو مقابلي ۾ ماريا آهن:مظاهرين

پوليس نصر الله. مجاهد. شاهنواز ۽ لياقت لاکو کي پريارو مان گرفتاري بعد گم ڪري ڇڏيا

پنجن ئي نوجوانن جي بازيابي لاءِ ڊي ايس پي ۽ ٻه انسپيڪٽرن جي سربراهي ۾ ٽيم جوڙي آهي

نوشهرو فيروز (رپورٽ:منظور ملڪ) پريارو پرسان ڳوٺ دائود لاکو واسي ڳوٺاڻن عورتن ٻارڙن مردن آدم لاکو سڄڻ لاکو ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ پريارو پوليس خلاف سخت احتجاج ڪندي چيو ته پريارو پوليس اسان جا ٻه نوجوان عجيب ۽ مصيم /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 03

نوشهروفيروز: ڳوٺ دائود لاکو واسي ڳوٺاڻن ۽ عورتن طرفان احتجاج ڪيو پيو وڃي

سنڌي ادبي سنگت وارهه جي دستوري گڏجاڻي، وائي اصلاحي تنقيد لاءِ پيش

سنڌي ادبي سنگت شاخ وارهه جي گڏجاڻي ۾ ڏات ڌڻين نڪور ڪوتائون پيش ڪيون

دستوري ويهڪ ۾ عرفان منان، جبران چنو، فهيم چانڊيو، عاشق چانڊيو، علي ابڙي شرڪت ڪئي

وارهه (رپورٽ:طالب حسين چانڊيو) سنڌي ادبي سنگت وارهه جي دستوري گڏجاڻي نوجوان شاعر آدرش امير جان جي صدارت ۾ ٿي گذري، غزل، گيت، ترجمو ۽ وائي اصلاحي تنقيد جي لاءِ پيش ڪئي وئي. سنڌي ادبي سنگت شاخ وارهه جي گڏجاڻي ۾ ڏات ڌڻين نڪور ڪوتائون اصلاحي تنقيد جي لاءِ پيش ڪيون. دستوري ويهڪ ۾ عرفان منان، جبران چنو فهيم چانڊيو، عاشق /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 07

سنڌي ادبي سنگت شاخ ٽنڊي محمد خان جي هفتيوار دستوري گڏجاڻي ٿي گذري

ويهڪ جي شروعات شاخ جي سيڪريٽري رفيق آس لغاري شاهه لطيف جي ڪلام سان ڪئي

مياں غلام الله عباسي "غزل" , جان محمد لغاري "گيت" , ناليواري چنگ نواز حاڪم علي سولنگي شريڪ

اڄوڪي ادبي ويهڪ شرڪت ۽ تخليقن جي لحاظ سان ڀرپور رهي, بهترين تخليقن تي شاندار رايا ڏنا ويا: اڳواڻ

ٽنڊو محمد خان (رپورٽ:مظفر علي بروهي) سنڌي ادبي سنگت شاخ ٽنڊي محمد خان جي هفتيوار دستوري ادبي ويهڪ محترم پوهومل هاسائي جي صدارت هيٺ ٿي گذري، ويهڪ جي شروعات شاخ جي سيڪريٽري رفيق آس لغاري شاهه لطيف جي ڪلام سان ڪئي. ادبي ويهڪ ۾ سيد اسلم شاهه "ڪهاڻي"، ميان غلام الله عباسي "غزل"، جان محمد لغاري "گيت"، ناليواري /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 11

پرياسٽي ۾ پ پ شهيد ڀٽو پارٽي جو مرڪزي اجلاس جوڻيجا هائوس تي ٿيو

نوشهرو فيروز (رپورٽ:منظور ملڪ) پرياسٽي ۾ پ پ شهيد ڀٽو پارٽي جو مرڪزي اجلاس جوڻيجا هائوس تي هاري ڪاميٽي جي اڳواڻ الهه بخش جوڻيجو جي صدارت هيٺ ٿي گذريو اجلاس ۾ سنڌ جي مرڪزي جنرل سيڪريٽري رحيم بخش ڪوسو ضلعي آرگنائيزر خالد ڪوسو علي احمد سولنگي خالد چانڊيو نظير سولنگي ظفر /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 12

ٽنڊو محمد خان: سنڌي ادبي سنگت شاخ ٽنڊي محمد خان جي هفتيوار دستوري ادبي ويهڪ جو ڏيک

ٿرپارڪر ۾ نفسياتي بيمارين جي علاج ۽ ذهني صحت جي معاملن لاءِ اهم اڳڀرائي

سنڌ مينٽل هيلٿ اٿارٽي ٽرفائونڊيشن اسپتال ٽيلي سائيڪاٽري ڪلينڪ جو افتتاح ڪيو

سنڌ مينٽل هيلٿ اٿارٽي جي چيئرمين ڊاڪٽر ڪريم خواجه ٽرفائونڊيشن جي سهڪار سان افتتاح ڪيو

ٽيلي سائيڪاٽري ڪلينڪ جي شروعات تمام اهم اڳڀرائي آهي، ڊاڪٽر مهيش ملاڻي ۽ ٻين جو خطاب

ٿرپارڪر (رپورٽ) ٿرپارڪر ۾ نفسياتي بيمارين جي علاج ۽ ذهني صحت جي معاملن لاءِ اهم اڳڀرائي، سنڌ مينٽل هيلٿ اٿارٽي ٽرفائونڊيشن اسپتال اسلام ڪوٽ ۾ ٽيلي سائيڪاٽري ڪلينڪ جو افتتاح ڪري ڇڏيو آهي (رپورٽ صادق بجير) ضلعي ٿرپارڪر ۾ نفسياتي بيمارين جي علاج ۽ ذهني صحت جي معاملن لاءِ ٽرفائونڊيشن جي سهڪار سان سنڌ مينٽل هيلٿ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 14

غوثپور پوليس ٿاڻي جي شهيد پوليس اهلڪار غلام نبي سومرو جي جنازي نماز ادا

دولي چوڪ تي ڊيوٽي دوران حملو ڪري بيدردي سان گوليون هڻي شهيد ڪري ڇڏيو

اعجاز احمد شاهه جيلاني ۽ سول سوسائٽي، شهرين، صحافين سوين انگ ۾ شرڪت ڪئي

شهرين جي سول سوسائٽي، شهرين، صحافين شهيد جي مغفرت لاءِ تڏي تي دعائون گهريون

غوثپور (عبدالنبي ملڪ) هڪ ڏينهن اڳ غوثپور پوليس ٿاڻي جي شهيد پوليس اهلڪار غلام نبي سومرو کي اڻ ڄاتل 3موٽر سائيڪل سوارن دولي چوڪ تي ڊيوٽي دوران حملو ڪري بيدردي سان گوليون هڻي شهيد ڪري ڇڏيو هو شهيد پوليس /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 18

غوثپور: شهيد پوليس اهلڪار غلام نبي سومرو جي جنازي نماز ادا ڪئي پئي وڃي

نادرن باءِ پاس لڳ شهباز ڳوٺ ۾ بنگلي تي مبينه قبضي خلاف احتجاجي مظاهرو

ڪراچي (رپورٽر) نادرن باءِ پاس لڳ شهباز ڳوٺ ۾ بنگلي تي مبينه قبضي خلاف وارثن صائمه سهتو، زوار سهتو احتجاج ڪندي الزام هنيو آهي ته شهباز ڳوٺ ۾ اسان جو بنگلو آهي جنهن تي دوست محمد ۽ گلشير منگڻيجي هٿياربند ولي قبضو ڪيو آهي ۽ هڪ اڪرم راهو کي زخمي ڪري نادر سهتو کي زبردستي اغوا ڪري /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 20

سماج سڌارڪ محمد ايوب منگي پاٽائي جي ورسيءَ جي مناسبت سان نوشهروفيروز ۾ ڪئمپ

رت جي عطيي جي ڪئمپ لڳائي وئي جنهن ۾ تعاون سول سرجن ڊاڪٽر خادم علي مگريو ڪيو

ٿيليسيميا، ڊائلاسز ۽ ڊليوري وارين عورتن کي 24 ڪلاڪ رت جي سهولت ملي رهي آهي: خادم علي مگريو

رت جو عطيو ڏيڻ جو هڪ طريقو آهي ۽ ان جي عمر جي هڪ حد آهي. جنهن ۾ ٽيسٽون پڻ مفت ڪري رهيا آهيون

نوشهروفيروز (ن) سماج سڌارڪ محمد ايوب منگي پاٽائي جي ڏهين ورسيءَ جي مناسبت سان هاسپيٽل بيسڊ بلڊ بئنڪ سول اسپتال نوشهرو فيروز پاران رت جي عطيي جي ڪئمپ لڳائي وئي جنهن ۾ خصوصي تعاون سول سرجن ڊاڪٽر خادم علي مگريو ڪيو ان موقعي تي ڪئمپ انچارج غلام اڪبر ناريجو سماجي اڳواڻ اعجاز ممنائيڊاڪٽر رب نواز ۽ ٻين چيو ته /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 23

قانون ۽ انصاف جي حوالي سان حڪمرانن توڙي ادارن جو ٻٽو معيار آهي: محمد حسين محنتي

گوادر جي مولانا هدايت الرحمان بلوچ کي پڻ عدالت جي احاطي مان گرفتار ڪيو ويو هو

ان جي ضمانت به نٿي ٿئي. شايد انجو قصور اهو آهي جو سندس ڊوميسائل پنجاب جو ڪونهي

تڪبيرالله اڪبر جي نعرن جي گونج ۾ جلسي گاهه تائين پهچايو ويو. جماعت اسلامي وٽ ڪا به حڪومت ناهي

ڪراچي(اسٽاف رپورٽر)13مئي 2023 جماعت اسلامي سنڌ جي امير اڳوڻي ايم اين اي محمد حسين محنتي چيو آهي ته قانون ۽ انصاف جي حوالي سان حڪمرانن توڙي ادارن جو ٻٽو معيار ملڪ کي گهرو ويڙهه طرف ڌڪي رهيو آهي. گوادر جي مولانا هدايت الرحمان بلوچ کي پڻ عدالت جي احاطي مان گرفتار ڪيو ويو هو 3 مهينا ٿي چڪا جيل ۾ آهي پران جي ضمانت به نٿي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 25

ڪراچي: امير جماعت اسلامي سنڌ محمد حسين محنتي اجتماع کي خطاب ڪري رهيو آهي

پرياسٽي جي ڳوٺ شريف هڪڙو جي ڳوٺاڻن پاران باٿرن خلاف احتجاجي مظاهرو

عورتن ۽ معصوم ٻارڙن سان گڏ باٿرن هدايت الله هڪڙو - ڪامران - ممتاز خلاف احتجاج

باٿر زرعي زمين سروي نمبر 296 ديهه سونڊڻ تي قبضو ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهن:الزام

باٿر قبضا ڪندڙن خلاف قانوني ڪاروائي ڪري کين گرفتار ڪري تحفظ ۽ انصاف فراهم ڪيو وڃي

نوشهرو فيروز (رپورٽ:منظور ملڪ) پرياسٽي جي ڳوٺ شريف هڪڙو جي ڳوٺاڻن غفار هڪڙو عمران هڪڙو مسمات مختيار هڪڙو مسمات صنم هڪڙو ۽ مسمات ڪوثر هڪڙو عورتن ۽ معصوم ٻارڙن سان گڏ باٿرن هدايت الله هڪڙو ڪامران ممتاز امتياز هڪڙو عطامحمد هڪڙو رحمان هڪڙو خلاف سخت احتجاجي مظاهرو ڪندي ميڊيا آڏو دانهيندي ٻڌايو ته باٿرن پنهنجن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 31

*** روزاني سنڌيار سکر پبلشر اي حسين، سم پرنٽنگ پريس بي آر ٽاور چندريگر روڊ ڪراچي مان ڇپرائي سکر آفيس گهر نمبر سي 92، دهلي مسلم هائوسنگ سوسائٽي ايئرپورٽ روڊ سکر مان پڌري ڪئي وئي***

روزاني
سنڌيار
ايڊيٽر: اعجاز مهر
Daily SINDHYAR
www.dailysindhyar.com
سومر 15 مئي 2023ع

تيزيءَ سان گهرو ويڙهه ڏانهن وڌندڙ ملڪ

عمران خان جي گرفتاري کان پوءِ بدترين وڳوڙن ملڪ ۾ تمام وڏي تباهي آندي آهي. سڄي ملڪ ۾ خوف ۽ هراس، غيريقيني ڇانيل آهي. وڳوڙي اهڙا تربيت يافته هئا، جن جي اهم جاين کي بنان ڪنهن روڪ رنڊڪ جي ساڙي ڇڏيو آهي، جن ملڪ کي ڪروڙين جو نقصان پهچايو آهي. اهي ڪٿان آيا ۽ ڪاڏي هليا ويا؟ اڃا به باهه ۽ بارود جي راند ڪيڏڻ لاءِ تيار نظر اچن ٿا. سياسي ماحول جي گرمي چوٽيءَ تي پهتل آهي. اڃان ڇڪتاڻ ۾ گهٽتائي ناهي آئي ته مٿان وري حڪمران اتحاد پي ڊي ايم سپريم ڪورٽ جي اڳيان احتجاج جو اعلان ڪري ڇڏيو آهي. مولانا فضل الرحمان سڄي ملڪ مان ڪارڪنن کي سپريم ڪورٽ پهچڻ جو سڏ ڏيئي ڇڏيو آهي، پيپ ۽ مسلم ليگ (ن) ان احتجاج ۾ ڀرپور شرڪت جو اعلان ڪيو آهي، جنهن ڪري امن امان ۽ ٽڪراءَ جي امڪانن کي رد نٿو ڪري سگهجي.

اڳ ئي بدترين معاشي ۽ سياسي گهوٽالي جي ورچڙهيل ملڪ عالمي قوتن جي مفادن جي جنگ جو ميدان بڻيل آهي. هاڻي ته حالت ان نهج تي وڃي پهتي آهي، جو سول وار واري صورتحال پيدا ٿي ويئي آهي. ملڪ تيزيءَ سان گهرو ويڙهه ڏانهن وڌندو پيو وڃي. حڪومت جي انتظامي گرفت نظر نٿي اچي. لڳي ائين ٿو ته ڄڻ قانون هائبرنيشن ۾ هليو ويو هجي. اڳي آئين ۾ ترميمن جون چتيون لڳائي ان جي اصل صورت ئي مسخ ڪئي ويئي هئي، جنهن کي ارڙهين آئيني ترميم ذريعي ڪنهن حد تائين، اصل صورت ۾ بحال ڪيو ويو. ته هاڻي آئين "ري رائيٽ" ٿيڻ لڳو آهي، ان جي من پسند تشريح ٿي رهي آهي. اهو آئين، جنهن ۾ شهرين جي حقن جي ضمانت ڏني وئي آهي، اهو پنهنجي حفاظت به نه پيو ڪري سگهي. سيني ڌرين آئين کي رانديڪو سمجهيو آهي ۽ ان سان مڪروهه راند ۽ "فائول پِلي" جاري آهي. ملڪ ۾ چڻ ته ڪا مرڪزي حڪومت آهي ئي ڪانه! جن جي، نالي ۾ ئي سهي، حڪومت آهي، اهي پاڻ احتجاج پيا ڪن. ان صورتحال ۾ ڪو ٽڪراءُ ٿئي ٿو ته سسٽم جي تڏا ويڙهه جي امڪان کي ڪيئن ٿو نظرانداز ڪري سگهجي! تحريڪ انصاف جي سربراهه عمران خان جي حالت اها آهي ته اهو وڳوڙن جي مذمت ڪرڻ جي لاءِ به تيار نه آهي، ايتري قدر جو جڏهن ڪيس عدالت ڇيو، تڏهن به ڪونه ڪيائين. ۽ ادارا به جنهن نموني ان سان لاڏ ڪوڏ ۽ پاڀوهه جو اظهار پيا ڪن، ان تان گهور گهور پيا وڃن، اها به هن ملڪ جي هڪ منفرد تاريخ لکجي رهي آهي. ايتري قدر جو ڪانئس اشارن ڪناين ۾ پڇيو وڃي ٿو ته، "بتا تيري رضا ڪيا هي؟" اڄ 14 مئي آهي ۽ عدالت اڳ ۾ ئي ان تاريخ تائين پنجاب ۾ چونڊون ڪرائڻ جو حڪم ڏيئي چڪي آهي، جنهن تي عمل نه ٿي سگهڻ جا جواز به عدالت تائين لاڳاپيل ادارن پهچايا آهن. هن وقت ئي اهي ڌريون ائين چئي رهيون آهن ته پي ڊي ايم جو اهو احتجاج عدالت تي دٻاءُ وجهي اليڪشن جي حوالي سان عدالتي فيصلي کان بچڻ جي ڪوشش آهي. ڳالهه صرف اهائي نه آهي، هڪ خدشو اهو به آهي ته اهي وڳوڙي ٽولا، جيڪي ايترا ته تربيت يافته هئا، جن اڳ چنب ۾ ملڪ جو انفراسٽرڪچر، اهم هائوسز، پشاور جي تاريخي ريڊيو اسٽيشن سميت اهم جايون تباهه ڪري ڇڏيون. سڄي ملڪ جي اهم شهرن ۽ شاهراهن کي مفلوج ڪري بند ڪري ڇڏيو. ڇا اهي وڳوڙي ڪو ممڻ نٿا مچائي سگهن؟

پي ڊي ايم ۾ شامل ٽن وڏين جماعتن جي قيادت کي به معاملي جي سنگينيءَ جو ادراڪ هجڻ گهرجي. هتي اسان جو مقصد پي ڊي ايم جي قيادت کي ديڄارڻ ڪونهي پر اسان انهن حالتن ڏانهن ڌيان ڇڪائڻ ٿا چاهيون، جن ۾ هن وقت ڪا به چڻنگ ڀيلاٻاري سگهي ٿي ۽ ملڪ دشمن قوتون ٻرنديءَ تي تيل جو ڪم ڪرڻ ۾ دير ئي نه ڪنديون. بهرحال پرامن احتجاج هر ڪنهن جو حق آهي پر سسٽم کي هاڃو رسڻ نه گهرجي.

عمران خان جي حمايتي ۽ مخالف اسٽيبلشمينٽ جو 'جهيڙو' ڪٿي دنگ ڪندو؟

ادريس لغاري

اڳوڻو وزيراعظم عمران خان تقريبن 48 ڪلاڪ نيب جي "نگرانيءَ" ۾ گذاري، هڪ دفعو ٻيهر لاهور ۾ پنهنجي گهر زمان پارڪ پهچي چڪو آهي. پر هن جيڪي 48 ڪلاڪ نيب جي "نگراني" ۾ گذاريا. انهن 48 ڪلاڪن ۾ پورو ملڪ ٻري اٿيو. هر طرف باهيون، مظاهرا، روڊ رستا ڇا ملڪ جا سڀ کان وڏا شهر ڪراچي، لاهور، اسلام آباد، پشاور، ڪوئيٽا سميت ٻيا ننڍا وڏا شهر پڻ بند ٿي ويا. ملڪ اندر ۽ ملڪ کان ٻاهر پروازون معطل ٿي ويون، ايئرپورٽ ويران ٿي ويا. چار ڏينهن انٽرنيٽ جي بند ٿيڻ سان ٽوئيٽر ۽ سوشل ميڊيا جا ٻيا سڀ ذريعا پڻ بند ٿي ويا. سوين هزارين سرڪاري ۽ خانگي ملڪيتن، جاين ۽ جڳهين کي ڊاهي پٽ ڪيو. ڪيترين گاڏين کي باهيون ڏئي ساڙيو ويو. تحريڪ انصاف جا سوين ڪارڪن زخمي ٿيا ۽ ڪيترا گرفتار ٿيا. بقول عمران خان جي ته سندس پارٽي جي 40 ڪارڪنن کي قتل ڪيو ويو. جي ايچ ڪيو راولپنڊي، ڪورڪمانڊر لاهور جو گهر، پشاور ۽ ڪوئيٽا ڪنٽونمينٽ تي حملا ڪيا ويا. پنجاب ۽ ڪي پي ڪي ۾ فوج کي طلب ڪيو ويو. سنڌ ۾ 144 لاڳو ڪيو ويو. گذريل ڏينهن وفاقي ڪابينا جي اجلاس ۾ وزيراعظم شهباز شريف کي ملڪ ۾ ايمرجنسي لاڳو ڪرڻ جي تجويز ڏني وئي. پر في الحال ان کي وزيراعظم رد ڪري ڇڏيو. آءِ ايس پي آر ان سڄي معاملي تي صبر ۽ برداشت جي مظاهري ڪرڻ واري پريس رليز جاري ڪئي ۽ جڏهن ته ٻئي پاسي اهي چئوبول پڻ گردش ڪري رهيا هئا ته عسڪري ادارن اندر ڪيترن آفيسرن ۽ جوانن عوام جي پاسي بيهڻ جو اعلان ڪيو. تنهن تي آءِ ايس پي آر جي ڊائريڪٽر جنرل احمد شريف چوڌري کي ميڊيا ۾ اچي چوڻو پئجي ويو ته. "فوج آرمي چيف جي قيادت ۾ متحد ۽ ڪنهن به استعيفا ناهي ڏني ۽ مارشل لا لاڳو ڪرڻ جو سوال ئي پيدا نٿو ٿئي." پوري ملڪ ۾ ٻه ڏينهن اهڙي صورتحال رهي. 9 مئي تي اسلام آباد هاءِ ڪورٽ جي چيف جسٽس عمران خان جي گرفتاري کي قانوني قرار ڏئي ڇڏيو هو. عمران خان جي گرفتاري ڪانپوءِ پوري ملڪ ۾ هنگاما شروع ٿي ويا. 9 ۽ 10 مئي به ان صورتحال ۾ گذري وئي. سڄي ملڪ ۾ جهڙوڪر اڻ اعلانيل ڪرفيو لاڳو ٿي ويو هو. نيٺ 11 مئي تي سپريم ڪورٽ ۾ پي ٽي آءِ پاران درخواست داخل ڪئي وئي. چيف جسٽس عمر عطا بنديال ٽي رڪني بئنچ جوڙي ڪيس جي ٻڌڻي ڪئي ۽ هڪ ڪلاڪ ۾ عمران خان کي سپريم ڪورٽ ۾ پيش ڪرڻ جو حڪم ڏنو. عمران خان کي سپريم ڪورٽ ۾ پيش ڪيو ويو. چيف جسٽس صاحب عمران خان کي ڏسي پنهنجي خوشي جو اظهار ڪيو ۽ پوليس لائنز اسلام آباد ۾ هڪ رات مهمان طور رهائڻ جو بندوبست ڪيو ۽ ٻئي ڏينهن عمران خان اسلام آباد هاءِ ڪورٽ ۾ پيش ٿيو. جتي سومر تائين هن کي ڪنهن به ڪيس ۾ گرفتار نه ڪرڻ جو حڪم ڏنو. ڪورٽ اندر سيڪيورٽي جا مختلف سبب ٻڌائي عمران خان کي پنج ڇهه ڪلاڪ انتظار ڪرايو ويو ۽ آخرڪار رات جو ڏهين وڳي عمران خان کي لاهور وڃڻ ڏنو ويو. سپريم ڪورٽ ۽ اسلام آباد هاءِ ڪورٽ جي فيصلن کي حڪومت، پيپلزپارٽي ۽ پي ڊي ايم سخت تنقيد جو نشانو بڻايو ۽ پي ڊي ايم جي سربراهه مولانا فضل الرحمان چيو ته. عدليا قانون کان مٿانهان فيصلا پئي ڪري. تنهن ڪري سومر ڏينهن سپريم ڪورٽ جي ٻاهران ڌرڻو هنيو ويندو. جنهن جي پيپلزپارٽي پڻ حمايت ڪئي آهي. عمران خان اسلام آباد هاءِ ڪورٽ ۾ ميڊيا سان ڳالهائيندي رياست جي سڀ کان وڏي اداري جي سربراهه تي سنگين الزام لڳايا ۽ چيو ته جيڪو ڪجهه ٿيو آهي، ان جي پويان اهو آهي.

عمران خان جي گرفتاري تي جيڪو ملڪ گير ردعمل آيو آهي، تنهن جو مثال پاڪستان جي گذريل 75 سالن جي تاريخ ۾ نٿو ملي. ملڪ جي پاپولر اڳواڻ ذوالفقار علي ڀٽي صاحب جي عدالتي قتل تي به ڪو خاص ردعمل نه آيو هو. بينظير صاحبه جي قتل وقت به اهڙو ردعمل نه آيو هو. 12 آڪٽوبر 1999ع تي نواز شريف کي وزارت اعظميٰ تان لاهي جنرل مشرف ملڪ ۾ مارشل لا لاڳو ڪئي هئي، تڏهن به نواز ليگ طرفان ڪو خاص ردعمل نه آيو. نواز شريف، بينظير، آصف زرداري، مريم نواز ۽ ملڪ جي ٻين ڪيترن مقبول سياسي ليڊرن جي گرفتاري تي پڻ اهڙي قسم جو ردعمل نه آيو. جهڙو ردعمل عمران خان جي گرفتاري تي آيو. پر هتي اها ڳالهه ضرور ياد رکڻ گهرجي انهن سيني پنهنجي پوري سگهه ۽ قوت تحت مزاحمت ڪئي. پيپلز پارٽي عوامي تحريڪ سان گڏجي سنڌ ۾ شاندار ايم آر ڊي تحريڪ هلائي. جنهن ۾ اٺ سئو کان وڌيڪ سنڌي ماڻهو شهيد ڪيا ويا ۽ هزارين لکين سياسي ڪارڪن گرفتار ڪيا ويا. نواز شريف جي پارٽي پڻ 12 آڪٽوبر 1999ع تي مزاحمت ڪئي. 27 ڊسمبر 2007ع تي بينظير صاحبه جي قتل وقت به خاص طور تي سنڌي عوام ٽي ڏينهن سخت قسم جو ردعمل ڏنو ۽ ائين 28 جولاءِ 2017ع کان 2022ع تائين نواز ليگ نواز شريف جي اڳواڻي ۾ پورا پنج سال سخت مزاحمت ڪئي، جنهن جي نتيجي ۾ اسٽيبلشمينٽ کي نواز شريف سان ناهه ڪرڻو پئجي ويو. هاڻي عمران خان ۽ سندس پارٽي آڏو اها سڄي تاريخ موجود هئي ۽ ظاهر آهي انهن سيني جدوجهدن جو جائزو پڻ ورتو هوندو ۽ ان ڳالهه ۾ به شڪ ناهي ته عمران خان کي ايڏي وڏي سطح تائين پهچائڻ ۾ اسان جي رياستي اداري پڻ پنهنجي وسان نه گهٽايو. اڳوڻو آرمي چيف جنرل باجوه ويجهڙ ۾ ڏنل پنهنجن ٻن ٽن انٽرويوز ۾ اهو اعتراف ڪري چڪو آهي ته اسان نواز شريف جي مقابلي ۾ عمران خان کي تيار ڪيو ۽ ان لاءِ سڀ بندوبست ڪيا. عمران خان کي هٽائڻ ڪانپوءِ ملٽري هاءِ ڪمانڊ ۾ هڪ ئي وقت 12 نوان ليفٽيننٽ جنرل ڪنيا ويا. جنهن جو مثال ملڪي تاريخ ۾ اڳ نٿو ملي. اوڀر پاڪستان جي علحدگي ڪانپوءِ ڀٽي صاحب جيڪي 18 جنرل برطرف ڪيا هئا، انهن ۾ گهڻا ميجر جنرل هئا ۽ ڪي به چار ليفٽيننٽ جنرل هئا. ان مان اندازو ڪري سگهجي ٿو ته خود عسڪري اداري ۾ عمران خان جي لاءِ ڪيتري حمايت موجود هئي يا اڃا به آهي. جنهن جي ترديد گذريل ڏينهن ڊي جي آءِ ايس پي آر پنهنجي بيان ۾ پڻ ڪئي آهي.

هڪڙي پاسي عمران خان، سندس پارٽي (خاص طور تي پنجاب ۽ ڪي پي ڪي ۾)، لکين ڪارڪن، اسٽيبلشمينٽ ۽ ٻين ادارن ۾ ويٺل حمايتي آهن ته وري ٻئي پاسي عمران خان مخالف اسٽيبلشمينٽ، پي ڊي ايم جي حڪومت ۽ پيپلزپارٽي آهي. عمران خان مخالف اسٽيبلشمينٽ، پي ڊي ايم جي حڪومت ۽ پيپلز پارٽي وڏيون ڪوششون ڪيون ته عمران خان گرفتار ٿئي. نيٺ هڪ سال جي ڪوشش رنگ لاتو ۽ عمران خان گرفتار ٿيو. پر 48 ڪلاڪن جي اندر عمران خان پنهنجي ڪارڪنن ۽ اسٽيبلشمينٽ ۽ ٻين ادارن ۾ ويٺل پنهنجن حمايتين جي ڪوشش سان آزاد ٿي ويو آهي. جمعي جي ڏينهن اسلام آباد هاءِ ڪورٽ ۾ ويهي هن رياستي اداري جي سربراهه تي سخت الزام پڻ لڳايا. جنهن طريقي سان عمران خان رياستي اداري جي سربراهه تي الزام لڳايا آهن، اداري کي ان تي ضرور "بي چيني" هوندي ۽ اها ڪنهن نه ڪنهن صورت ۾ ظاهر ٿيندي. ايندڙ ڏينهن ۾ چونڊون پڻ ٽيٽيون آهن ۽ عمران خان جي ٻيهر گرفتاري جا پڻ چٽا امڪان آهن. ڇا عمران خان ان حڪمت عملي سان چونڊن ۾ ڪاميابي ماڻي ۽ اسٽيبلشمينٽ جي مرضي ۽ حمايت ڪانسواءِ وري اقتدار ۾ اچي ويندو؟ عمران خان ان حڪمت عملي سان پاڻ کي گرفتاري يا وڏي وقت تائين ڪال ڪوٺڙي ۾ بند ٿيڻ کان بچائي سگهندو؟ ۽ ٻئي پاسي اتحادي حڪومت ۽ اسٽيبلشمينٽ جي آڏو مجموعي طور ملڪ جو سخت بحران موجود آهي، ان سان گڏ عمران خان جي اهڙي سخت مزاحمت واري حڪمت عملي. ڇا اسٽيبلشمينٽ ۽ اتحادي حڪومت ان کي ناڪام ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي ويندا؟ تنهن ڪري مجموعي صورتحال اهو ٻڌائي رهي آهي ته ٻئي ڌريون پنهنجي "انتها" تي پهتل آهن ۽ ايندڙ ڪجهه ڏينهن، هفتا ۽ مهينا سخت ۽ واضح "ڇڪتاڻ" وارا رهندا. جنهن ۾ هر "شئي" ۽ "عمل" ممڪن ٿيندي نظر اچي پيو. جيڪو ڪنهن به لحاظ کان هن ملڪ، جمهوريت ۽ عوام لاءِ فائدو وارو نه هوندو!

****

ڪوڻُ قَريبَنَ جو، عينُ تَڙڻُ آهِ؛
اِيَ اُلٽي ڳالهڙِي، سِڪَ وَرَنِدِي ساهِ؛
آسَرَ هَڏِمَ لاهِ، ڇِنَڻُ ڳَنڍَڻُ اُنِ جو.

مائرن جي عالمي ڏينهن جي مناسبت سان ماوان نندين ڇانوان ..!

امر رائسنگهه راجپوت

مائرون ٻڙ جي گهاٽي ڇانوَ جهڙيون هُونديون آهن. مائرون هُونديون آهن ته ماڻهوءَ جي دل پريل هُوندي آهي. مائرون پنهنجي اولاد لاءِ هڪڙي محفوظ پناهه گاهه هونديون آهن. دُنيا جي ڪمن ڪارن مان بيزار ٿي جڏهن ماڻهو گهر ايندو آهي تڏهن اُها ماءُ ئي هُوندي آهي جيڪا اولاد جي اکين مان ڏُک سُک ٻري ڪان پرکي وٺندي آهي ۽ يڪدم آٿت بڻجي ويندي آهي. گهراڃي ماءُ جي هنج ۾ مٿو رکڻ سان ماڻهوءَ جي سموري ٿڪاوٽ ۽ هر پريشاني پل ۾ دُور ٿي ويندي آهي. ماءُ پنهنجي نياڻي اولاد سان به ايترو ئي پيار ڪندي آهي جيترو سياڻي سان ڪندي آهي. ماءُ لاءِ ٻئي اکيون برابر هُونديون آهن. ماءُ جنهن جي هٿن جا ڇاپايل رُڪا لولا ماڻهوءَ کي ست رڇين کان وڌيڪ سوادي لڳندا آهن. ماءُ جنهن جي لولي ٻڌي سٺن ڏينهن جو ٿڪايل بار به ٿمهي پوندو آهي. ماءُ جنهن جو خالي هٿ هڪ سئو چار ڊگري بُخار ۾ تپندڙ رڳن تي پوي ته برف جي پها وانگي ٺڏڪار بڻجي ويندو آهي. ماءُ جنهن جا هٿ هر درد ۾ بي لوث دُعائن جا ضامن هوندا آهن. ماءُ جنهن جون آشيروادي اکيون اولاد جي دولت ۾ نه، پر صحت ۾ هونديون آهن. ماءُ اولاد جي حياتيءَ کي حرارت بخشي ٿي، تنهن ماءُ جي تڃ جو قسم! ماڻهوءَ جي ڇهري جي رنگت رڙيون ڪري ٻڌائيندي آهي ته ماءُ سان اولاد ڪيڏي محبت ڪندو آهي! ماءُ جو وڇوڙو اولاد کي وڃائي ڇڏيندو آهي، اولاد جا ڪٽڪ رنگا ڇهرا ڪرڙلي وانگي ڪارا ٿي ويندا آهن. ماڻهو پنهنجي ماءُ جي ڏُک ۾ رڳو روئندو ناهي پر ڏوڏي وانگي ڏکندو به آهي.

ڪيڏي نه اذيت ڏيندڙ هُوندي آهي اُها گهڙي، جنهن ۾ مائرون پنهنجي اولاد کان هميشه لاءِ وڇڙي وينديون آهن. جڏهن مائرون وڇڙي وينديون آهن تڏهن خُدا جي هن خُوبصورت دُنيا ۾ اولاد اڪيلوءَ ٿن تنها ٿي پوندو آهي. هي هيڏي ساري وشال دُنيا ڏائڻ وانگي کائڻ ايندي آهي. ماءُ بنان گهر قبرستان لڳندو آهي. ڪَن ماءُ جو آواز ٻُڌڻ لاءِ ترسي ويندا آهن. اکيون گهر جي هر ڪُنڊ ۾ ماءُ کي ڳوليندي آهن. پر ڦٽڪندڙ دل کي ڏڏُ ڏيڻ واري ماءُ جڏهن ڪٿي به ناهي ملندي تڏهن ماڻهو روئڻ تي ڇُٽندو آهي. لُڙڪ لهو بڻجي ويندا آهن پر مائرون واپس ناهن ورنديون.. دُنيا ۾ ٻئي سان هر وستو ملي سگهي ٿي پر ماءُ پيءُ ۽ انهن جو پيٽ يعني ڀاءُ ۽ ڀيڻ نٿا ملي سگهن.

هن دُنيا ۾ وقت پُڄاڻان هر شئي وسريو وڃي ٿي، گهري ڪان گهرو گهاءُ به گهٽبن ڏينهن ڪان پوءِ ڇُٽي وڃي ٿو پر نٿي وسري ته ماءُ نٿي وسري.. ماءُ جنهن جي ٿڃ پي ماڻهو وڏو ٿئي ٿو ماءُ جنهن جي آڱر پڪڙي هن دُنيا ۾ ماڻهو هلڻ سکي ٿو ماءُ جنهن جي مٺي ٻولي ٻڌي ماڻهو ڳالهائڻ شروع ڪري ٿو

اُها ماءُ نه رهي ته پوءِ دُنيا دوزخ جي هوا بڻجي پوندي آهي. ماءُ هُوندي آهي ته دل پريل هُوندي آهي. دل پريل هُوندي آهي ته خالي کيسو هوندي به ماڻهو شهزادن وانگي هلندو پيو آهي. مائرن جي مري وڃڻ کان پوءِ دل به خالي ٿي ويندي آهي بس رُڳو اکيون پرجي وينديون آهن..! پريل اکيون ڪٿي هن هيڏي ساري دُنيا ۾ امان کي ڳوليندي ڳوليندي نيٺ اکيون ٿڪجي پونديون آهن! هي دُنيا سڀ ڪُجهه ٿي سگهي ٿي، پر ماءُ جي هنج نٿي ٿي سگهي. ۽ اولاد جي لاءِ ماءُ جي هَنج ڪانسواءِ ڪٿي به سڪون ناهي هُوندو. ماءُ هڪڙي پويتر رشتي جي ڏاڳي ۾ پويل اهڙي مصري آهي جنهن جي ممتا جي مٺاس ماڻهوءَ کان مُئي پُڄاڻان به نٿي وسري..! هتي ڪيڙيءَ کي ڪڻ ۽ هاٿيءَ کي مڻ ته اڄ به ملي ٿو پر نٿي ملي ته ماءُ نٿي ملي. ماءُ جنهن جو ساءُ نه ڀيڻ مان اچي ٿو نه ڀاءُ مان.. ماءُ جهڙو پيار نه پيءُ ڏيئي سگهي ٿو نه ڌيءُ ڏيئي سگهي ٿي.

اڄ مائرن جو عالمي ڏينهن آهي. ان ڏينهن تي ڀيو ڪُجهه نه ڪري سگهو ته بس ايترو ضرور ڪجو جو پنهنجي امڙ جي پيرن تي هٿ رکي هُن کي اهو احساس ضرور ڏيارجو ته توهان سانس پيار ڪريو ٿا. مائرون دُعائن جو در آهن اهو در بند ٿيڻ کان اڳ اُن جو قدر ڪرڻ سکو. مائرن کي ڪڏهن به ڏاهو ڏڙڪو نه ڏجو ڇاڪاڻ ته مائرن جو من رنجايو ته رب رنج ٿي ويندو.

پنهنجي رب کي راضي رکڻ جي لاءِ مائرن سان مُحبت ڪريو پنهنجين ٻُڍڙين مائرن جي خدمت ڪرڻ سان اوهان کي تمام وڏو ثواب ملندو. مائرن جي پيرن هيٺيان جنت آهي ان جنت جو جيٽري قدر ڪريو. پنهنجن مائرن کي وقت ڏيو اُنهن سان گڏ ڪاٽيو. اُنهن کي سُٺا ڪپڙا لٽا وٺي ڏيو. سٺو کارايو پيارو. اُنهن سان به مٺا گُفتا ڳالهايو ته جيئن اُنهن جو مَن راضي ٿئي. باقي اهو ڌن دولت سڀ اتي ئي پيو هوندو گڏ ڪجهه ڪونه هلندو. دُنيا ۽ ڌن جي ٻوڙ ۾ پنهنجي جنت نه وڃايو.

بقايا 01 ***

قبضو لڳي رهيو آهي، حافظ نعيم صوبي ۾ نفرت ۽ ورهاڱي جي سياست کي هٿي پيو ڏي، جمهوري حڪومت جو ساٿ ڏيڻ تي آرمي چيف کي نشانو بڻايو پيو وڃي. سعيد غني چيو ته چونڊن ۾ مقابلو ته ٿيندو آهي، حافظ نعيم ذهن ناهي ڇڏيو آهي ته هو ڪراچيءَ جو ميئر بڻجي ويندو. هن چيو ته حافظ نعيم سنڌ دشمني ۾ لڳل آهي. جماعت اسلامي کي سيٽن ۾ اضافي تي ٽورا مچڻ گهرجن، هو ڇئي رهيو آهي عدالت ۾ چئلينج ڪندا اهو به شوق پورو ڪري وٺي. سندس چوڻ هو ته پيپلز پارٽيءَ هاڪاري طريقي سان آدمشماري تي خدشن جو اظهار ڪيو بلاول ڀٽو زرداري وفاق ڪان ڊار ٿيڻ تائين جو چيو مخالف ڊرمڪاني ادارن جي قانون ۾ ترميم جي حمايت ڪئي هئي، ڇاڻي واڻي ڪراچي ۽ سنڌ کي مينشن ڪري نفرت پکيڙڻ جي ڪوشش ڪئي. پ پ اڳواڻ چيو ته حافظ نعيم پيو الطاف حسين بڻجڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهي، سندس طرز عمل ٺيڪ ناهي. صوبائي وزير سعيد غني چيو ته پيپلز پارٽي نه جماعت اسلامي جا نتيجا حيران ڪندڙ آهن. هو پ پ ڪارڪنن ۽ ڪراچي جي شهرين جا ٿورائتا آهن جن جلسي ۾ شرڪت ڪئي. سندس چوڻ هو ته عمران خان ملڪ دشمن ايجنڊا تي هلي رهيو آهي، عمران خان ملڪي سلامتي لاءِ خطرو آهي. صوبائي وزير سعيد غني چيو ته عمران خان جيڪو ڪجهه ڪيو اها بي جي پي جي خواهش هئي، عمران خان اهو ڪري ڏيکاريو جيڪو تحريڪ طالبان نه ڪري سگهي.

بقايا 02 ***

حوالي سان سيڪيورٽي ۽ ٽريفڪ جا انتظام به ڪيا وڃن. واضح رهي ته جمعيت علماءِ اسلام ۽ پي ڊي ايم جي سربراهه مولانا فضل الرحمان پوري قوم کي سومر جي ڏينهن سپريم ڪورٽ ٻاهران پُرامن احتجاج ۾ شرڪت لاءِ پهچڻ جي اپيل ڪئي آهي ن ليگ ۽ پيپلز پارٽي به ڌرڻي ۾ شرڪت جو اعلان ڪيو آهي. جڏهن ته اتحاد ۾ شامل عوامي نيشنل پارٽي احتجاج ۾ شريڪ نه ٿيندي. ٻئي پاسي، اسلام آباد ۾ قلم 144 لاڳو آهي جڏهن ته اهم تنصيبات ۽ عمارتن جي سيڪيورٽي لاءِ فوج اڳوات ئي مقرر ٿيل آهي. ضلعي انتظاميا جي ذريعن موجب، راڄڌاني ۾ قلم 144 لاڳو هئڻ سبب پي ڊي ايم کي احتجاج جي اجازت نٿي ڏئي سگهجي.

بقايا 03 ***

ڀٽو جو چوڻ هو ته 14 مئي پاڪستان ۽ جمهوريت لاءِ تاريخ ساز ڏينهن آهي. اڄوڪي ڏينهن تي بينظير ڀٽو ۽ نواز شريف ميثاق جمهوريت جي دستاويز تي صحيح ڪئي. هن چيو ته ميثاق جمهوريت تي ثابت قدمي سان عمل ڪرڻ سبب مُلڪ جي وقار ۾ واڌارو ۽ جمهوريت مضبوط ٿي. بلاول جو چوڻ هو ته آصف علي زرداري ميثاق جمهوريت تي عمل ڪندي اختيار پارليامان حوالي ڪيا، 18 هين آئيني ترميم وفاق ۽ سمورين ايڪائين وچ ۾ هڪ ميثاق آهي. هن چيو ته اڄ پارليامينٽ تي حملاٿي رهيا آهن ۽ ان جي اختيارن کي چئلينج ڪيو پيو وڃي، نئون آئين لکيو پيو وڃي، جيڪو پاڪستان پيپلز پارٽي کي ڪنهن به صورت ۾ منظور ناهي. پ پ چيئرمين چيو ته آئين سازي جو اختيار رڳو پارليامينٽ کي حاصل آهي، باقي ادارن جو فرض آهي ته هو پارليامان جي منظور ڪيل قانون تي عمل ڪن. سندس چوڻ هو ته جمهوريت پسند سياسي پارٽيون بااختيار پارليامينٽ جي اصول تي هڪ صفحي تي

آهن. هن وڌيڪ چيو ته ميثاق جمهوريت تي سختي ۽ ثابت قدمي تي عمل سان غير جمهوري سوچ کي شڪست ڏيڻي پوندي. ٻئي پاسي ناڻي واري وفاقي وزير اسحاق ڊار ۽ گهرو وزير راڻا ثناءُ الله پاڪستان ڊيموڪريٽڪ موومينٽ (پي ڊي ايم) جي سربراهه مولانا فضل الرحمان سان ملاقات ڪئي. اجلاس ۾ وفاقي وزيرن مولانا فضل الرحمان کي اپيل ڪئي ته هو سپريم ڪورٽ ٻاهران احتجاج نه ڪن. ان حوالي سان اسحاق ڊار جو چوڻ هو ته ملڪ جون حالتون ڪجهه ڏينهن اڳ خراب ٿيون، ان ڪري وفاقي حڪومت پي ڊي ايم ڊي چوڪ تي احتجاج ڪرڻ چاهي ٿي. وفاقي وزيرن جي اپيل تي مولانا فضل الرحمان چيو ته اسان اعلان ڪيو آهي ته فيصلو هاڻي عوام جي عدالت ۾ ٿيندو. سڄي ملڪ مان قافلا اسلام آباد ڏانهن روانا ٿي ويا آهن. هن چيو ته ڪارڪن پرامن آهن ۽ پرامن احتجاج ڪندا. اسان جا ڪارڪن هڪ ڀونڊو به نه ٽوڙيندا.

بقايا 04 ***

ڪان ڊنل آهن. ڪين اليڪشن ۾ عبرتناڪ شڪست جو ڊپ آهي. پاڪستان ۾ هن وقت ملڪي تاريخ جي ڪمزور ترين جمهوريت آهي. اهڙي صورتحال ۾ اميد رڳو عدليا مان آهي. پي ٽي آءِ سربراهه عمران خان چيو آهي ته هو ٻيهر به جيل وڃڻ لاءِ تيار آهي. گرفتاري وقت اوچتو ڪجهه ماڻهو ڪمانڊوز وانگر آيا. مون سمجهيو منهنجي حفاظت لاءِ آيا آهن. هن چيو ته حياتي کي پيش خطرن کي نظر ۾ رکندي جج منهنجي حفاظت جو حڪم ڏنو. جنهن نموني مون کي گرفتار ڪيو اهو سڀ حيران ڪندڙ هو. اڄ تائين ڪنهن سياستدان مٿان ڏيڍ سئو ڪيس ناهن ٿيا. عمران خان چيو ته اسلام آباد هاءِ ڪورٽ مان مون کي اٿين پڪڙيو ويو جڻ مان ڪو وڏو دهشتگرد هجان. حڪومت جو منصوبو مون کي ۽ منهنجي جماعت کي چونڊن کان ٻاهر ڪرڻ آهي. هن هڪ ڀيرو وري پاڪ فوج جي سربراهه جنرل عاصم منير تي الزام لڳائيندي چيو ته ڪيس آرمي چيف جي حڪم تي اغوا ڪيو ويو هن جو چوڻ هو ته پرتشدد واقعن ۾ اسان جا ماڻهو ملوث نه آهن. پيچ ڊاهه وارن واقعن جي شفاف جاچ ٿيڻ گهرجي. اڳوڻي وزيراعظم چيو ته پاڪستان ۾ بنيادي انساني حقن جي لتاڙ ٿي رهي آهي. پوليس وارا منهنجي گهر جو دروازو ٽوڙي اندر داخل ٿيا. سندس چوڻ هو ته حڪمران مون کان ڊنل آهن. هو خوف ۾ ورتجي ويا آهن ۽ غلط فيصلا ڪري رهيا آهن. ملڪ جي سمورن بحرانن جو حل اليڪشن آهي. شفاف چونڊون ڪرايون وڃن ته سمورا بحران ختم ٿي ويندا. هن وڌيڪ چيو ته مون کي مارڻ جي ٻيو ڀيرو ڪوشش ڪئي وئي. مان هر قسم جي تشدد جي مذمت ڪريان ٿو ڪهڙي مُلڪ ۾ سڀ کان وڏي پارٽي جي اعليٰ قيادت کي اهڙي طرح گرفتار ڪرڻ يا نظربند ڪيو ويندو آهي؟ . واضح رهي ته اسلام آباد هاءِ ڪورٽ القادر ٽرسٽ ڪرپشن ڪيس سميت ٻين ڪيسن ۾ عمران خان جي عبوري ضمانت منظور ڪندي ڪيس آزاد ڪرڻ جو حڪم ڏنو هو.

بقايا 05 ***

ٿيڻ تائين سک سان نه ويهنداسين. فوجي تنصيبات تي حملا منصوبابندي تحت ڪيا ويا. ڪنهن به بي گناهه کي گرفتار نه ڪيو ويندو. هن چيو ته ڀڃ ڊاهه جي ڪارروائين دوران 6 سئو ڪروڙ روپين جو نقصان ٿيو. هنيٽر تائين ٻن هزارن کان وڌيڪ ماڻهن کي گرفتار ڪري ورتو آهي. هن چيو ته جناح هائوس تي حملو ڪندڙ ڪو پاڪستاني نه ٿي سگهي. حملو ڪندڙ

سڀ دهشتگرد آهن. گرفتار ماڻهن جي وڊيو شاهدين ۽ ثبوتن ذريعي سڃاڻپ ڪئي وئي آهي. محسن نقوي جو چوڻ هو ته وڳوڙن ۾ 6 سئو ڪروڙن جو نقصان ٿيو. سي ايس ڊي اسٽور ڦريو ۽ ساڙيو ويو. 2 ميٽرو اسٽيشنز ساڙيا ويا. ريسڪيو 112 جون 8 گاڏيون ساڙيون ويون. پنجاب جي نگران وڏي وزير وڌيڪ چيو ته گرفتار جوابدارن سان ڪا به رعايت نه ڪئي ويندي. دٻاءُ قبول نه ڪبو هڪ به غلط ماڻهو گرفتار نه ڪنداسين. ميانوالي ۾ هڪ جي پي او کي ساڙيو ويو هن جو چوڻ هو ته حملو ڪندڙ هر ماڻهو جي وڊيو موجود آهي. منهنجي غلطي اها آهي ته پوليس گولي هلائڻ کان روڪيو جن جناح هائوس تي حملو ڪيو انهن ئي عسڪري ٽاور کي باهه ڏني فوجي تنصيبات تي حملا منصوبابندي تحت ٿيا. محسن نقوي چيو ته پي ٽي آءِ وارن انهن عمارتن کي نشانو بڻايو جيڪي طالبان جي نشاني تي رهيون آهن. شرپسندن ۾ اڪثريت هٿياربند ماڻهن جي هئي. اهو حملو پاڪستان تي ڪيو ويو هن چيو ته نو مئي تي پنجاب ۾ جيڪي واقعا ٿيا. ياسمين راشد سموري واقعي جي مرڪزي ڪردار آهي. هن چيو ته زلمي خليل زاد جي حيثيت پٽيوالي کان وڌيڪ ناهي.

بقايا 06 ***

(پي ڊي ايم جي سربراهه مولانا فضل الرحمان سان ملاقات ڪئي. ملاقات ۾ وفاقي وزيرن مولانا فضل الرحمان کي سپريم ڪورٽ ٻاهران ڌرڻو نه هڻڻ جي اپيل ڪئي. ان ڏس ۾ اسحاق ڊار جو چوڻ هو ته ڪجهه ڏينهن اڳ به مُلڪ ۾ حالتون خراب ٿيون تنهنڪري وفاقي سرڪار چاهي ٿي ته پي ڊي ايم، ڊي چوڪ تي احتجاج ڪري. وفاقي وزيرن جي اپيل تي مولانا فضل الرحمان جو چوڻ هو ته هو اعلان ڪري چڪا آهن. فيصلو هاڻي عوام جي عدالت ۾ ٿيندو. سموري مُلڪ کان قافلا اسلام آباد ڏانهن روانا ٿي چڪا آهن. هن چيو ته ڪارڪن پُرامن آهن ۽ پُر امن احتجاج ٿيندو. ياد رهي ته پاڪستان ڊيمو ڪريٽڪ موومينٽ عدالتي رويي خلاف سڀاڻي سُپريم ڪورٽ ٻاهران ڌرڻي جو اعلان ڪيو آهي.

بقايا 07 ***

سان ٽڪر ۾ اچي ويو آهي. صحافي حسن ايوب چيو ته هاڻي چيف جسٽس سميت هر خيال جڄن جو جيڻ مرڻ عمران خان سان آهي. چو ته ايترا واٽڪا ٿي چڪا آهن. جو هاڻي سندن واپسي ممڪن نه آهي. سياڻي واري ڌرڻي سبب چيف جسٽس ضرور پريشان هوندو. ڏسڻو آهي ته ڪيس جي سماعت اڳ شروع ٿي ٿئي يا ڌرڻو اڳ ٿو لڳي. مرسڊيز گاڏي ۾ به عمران خان کي چيف جسٽس جي حڪم ۽ رجسٽرار جي هدايت تي آندو ويو هو چيف جسٽس جو حڪم هو ته عمران خان کي قيدين واري گاڏي ۾ نه آندو وڃي. ان ڪري لاڳاپيل اختيارين کي بم پروف مرسڊيز جو بندوبست ڪرڻ ۾ ڪلاڪ ڏيڍ دير ٿي وئي عبدالقيوم صديقي جو چوڻ آهي ته عمران خان جي سوچ هٽلر کان به وڌيڪ خطرناڪ آهي. هن اڄ تائين ڪنهن جو به احسان ياد ناهي رکيو وقت اچڻ تي احسان فراموشي ڪئي آهي. جنهن جا ڪيترائي مثال موجود آهن جن کي به خوشفهميءَ ۾ نه رهڻ گهرجي.

بقايا 08 ***

شماري جو فيلڊ ورڪ 15 مئي تائين هر صورت ۾ مڪمل ڪرڻ جي هدايت ڪئي وئي آهي. خط جي متن موجب، آدم شماري ۾ هينئر تائين پنج ڀيرا واڌ ٿي چڪي آهي. پهرين مارچ کان شروع ٿيل آدم شماري جي ابتدائي ڊيڊ لائين چار اپريل تائين هئي.

بقايا 09 ***

ڪيون ويون آهن. 9 مئي جي ڏينهن عمران خان جي گرفتاري ڪانپوءِ پي ٽي آءِ ڪارڪنن جي ايچ ڪيو گيٽ تي ڀڃ ڊاهه ڪئي هئي، جن جون تصويرون جاري ڪيون ويون آهن. ذريعن موجب پرتشدد مظاهرن ۾ شامل 4 عورتن سميت 14 ماڻهن جي سڃاڻپ ڪئي وئي آهي. سڃاڻپ ڪيلن مان 9 جو واسطو راولپنڊي، 3 جو اسلام آباد، هڪ جو ڪراچي ۽ هڪ جو چڪوال سان آهي. ذريعن جو چوڻ آهي ته پرتشدد مظاهرن ۾ شامل ٽي سئو کان وڌيڪ ماڻهن جي سڃاڻپ جو عمل مڪمل ڪيو ويو آهي. گڏوگڏ حڪومتي ۽ دفاعي ملڪيتن کي نقصان پهچائيندڙن جي گرفتارين جو عمل تيز ڪيو ويو آهي.

بقايا 10 ***

چوڻ هو ته پُرتشدد مظاهرن دوران سڀ کان وڏو واقعو جي ايڇ ڪيو گيٽ وٽ پيش آيو. جي ايڇ ڪيو جو گيٽ ٽوڙيو ويو ۽ ڀڃ ڊاهه ڪئي وئي، هن گرفتار جوابدارن جون تصويرون ميڊيا سان شيئر ڪندي ٻڌايو ته پنڊي مان مجموعي طور تي 264 ماڻهن کي گرفتار ڪيو ويو آهي. وڊيو ۾ نظر ايندڙ اٽڪل سمورا جوابدار گرفتار ڪيا ويا آهن سي پي او اها دعويٰ به ڪئي ته پوليس جا

سمورا ثبوت عدالت ۾ قابل قبول آهن. پرتشدد مظاهرين پوليس جي ويهه گاڏين کي نقصان پهچايو. به ڊي ايس پيز ۽ هڪ ايس ايڇ او به زخمي ٿيا. هن وڌيڪ چيو ته هر ڊويزن جون جاچ ٽيمون الڳ سان سمورن ڪيسن تي ڪم ڪري رهيون آهن. ڀڃ ڊاهه ۾ ملوث ماڻهن کي هر صورت ۾ گرفتار ڪيو ويندو. شرپسندن جي ليڊرشپ جي گرفتارين لاءِ به ڇاپا هنيا پيا وڃن.

بقايا 11 ***

خان هر اداري کي تباهه ڪري ڇڏيو احسن اقبال چيو ته پي ٽي آءِ سوشل ميڊيا من گهڙت مهم ذريعي مُلڪ کي سودان بڻائڻ چاهي ٿي. مُلڪ دشمني تي شرم اچڻ گهرجي. هن وڌيڪ چيو ته عمران خان جي گرفتاري بعد مراد سعيد چيو ته ڪارڪن ٽارگيٽ ۽ ڊيوٽي تي پهچي ٽاسڪ پورو ڪيو وفاقي وزير چيو ته پي ٽي آءِ ڪارڪنن جناح هائوس، ايم ايم عالم جو تاريخي جهاز ۽ ريڊيو پاڪستان ساڙي ڇڏيو. ٻين کان رسيدون گهرندڙن جي پنهنجي حساب ڏيڻ جو وقت آيو ته روئڻ لڳا. هن وڌيڪ چيو ته عمران خان بدترين ڪرپشن ڪئي. سٺ ارب جو جواب ڏيڻو پوندو. هو پسنديدا چيف جسٽس جي ڇتي هيٺان لڪي نٿو سگهي.

بقايا 12 ***

منصوبابندي پاڻ عمران خان ڪئي هئي. ناروال ۾ ميڊيا سان ڳالهائيندي احسن اقبال چيو ته جڏهن اوهان کان رسيدون گهريون وينديون آهن ته اوهان جناح هائوس ساڙي ڇڏيندا آهيو هن پي ٽي آءِ چيئرمين کي مخاطب ڪندي چيو ته عمران خان! اوهان کي جواب ڏيڻ گهرجي ۽ رسيدون ڏيڻ گهرجن هن جو چوڻ هو ته اڄ پاڪستان سخت بحران مان گذري رهيو آهي، عمران خان هر اداري کي تباهه ڪري ڇڏيو احسن اقبال چيو ته پي ٽي آءِ سوشل ميڊيا من گهڙت مهم ذريعي مُلڪ کي سودان بڻائڻ چاهي ٿي، مُلڪ دشمني تي شرم اچڻ کپي. هن وڌيڪ چيو ته عمران خان جي گرفتاري بعد مراد سعيد چيو ته ڪارڪن ٽارگيٽ ۽ ڊيوٽي تي پهچي ٽاسڪ پورو ڪيو وفاقي وزير چيو ته پي ٽي آءِ ڪارڪنن جناح هائوس، ايم ايم عالم جو تاريخي جهاز ۽ ريڊيو پاڪستان ساڙي ڇڏيو. ٻين کان رسيدون گهرندڙن جي پنهنجي حساب ڏيڻ جو وقت آيو ته روئڻ لڳا. هن وڌيڪ چيو ته عمران خان بدترين ڪرپشن ڪئي. سٺ ارب جو جواب ڏيڻو پوندو. هو پسنديدا چيف جسٽس جي ڇتي هيٺان لڪي نٿو سگهي.

بقايا 13 ***

جي استعيفيٰ تائين پي ڊي ايم جو ڌرڻو جاري رهندو. نجي ٽي وي چئنل جي پروگرام ۾ ڳالهائيندي عطاءُ الله تارڙ جو چوڻ هو ته مولانا فضل الرحمان جيڪو حڪم ڪندو ان تي عمل ڪيو ويندو. هن چيو ته مولانا فضل الرحمان جي جماعت منظم آهي ۽ هو ڊسپلن جا پابند آهن. جيڪڏهن احتجاج ۾ شرپسند عنصر هوندا ته انهن جي سڃاڻپ ڪئي ويندي. سندس چوڻ هو ته سيڪيورٽي جا انتظام مڪمل ڪيا ويا آهن. اسان جا ماڻهو پُرامن آهن ۽ پُرامن احتجاج ڪنداسين هن وڌيڪ چيو ته پي ٽي آءِ جي حق ۾ فيصلا ڏنا وڃن ٿا. چيف جسٽس جي استعيفيٰ تائين پي ڊي ايم جو ڌرڻو جاري رهندو.

بقايا 14 ***

موجب. پي ٽي آءِ اڳواڻ ۽ ايم پي ايم فردوس شمير نقوي کي پوليس ان وقت گرفتار ڪيو جڏهن هو پهلوان ڳوٺ جي علائقي مان ريلي ڪڍي رهيو هو. پوليس جو چوڻ آهي ته فردوس شمير نقوي خلاف مختلف ٿاڻن ۾ نو مئي وارن واقعن بعد ڪيترائي ڪيس داخل ٿيا آهن ٻئي پاسي ڪراچي جي ترسري واري علائقي ۾ قائم انصاف هائوس پرسان احتجاج ڪندڙ عورتن کي به گرفتار ڪيو ويو آهي. هوڏانهن اسلام آباد پوليس سينيٽر سيف الله خان نيازي کي به گرفتار ڪري ڪيس ڇالجاتل هنڌ منتقل ڪري ڇڏيو آهي.

بقايا 15 ***

آهي. سي ٽي ڊي ترجمان موجب. سي ٽي ڊي کي ڳجهي اطلاع تي سرگوڌا، راولپنڊي ۽ گوجرانوالا ۾ ڪارروائيون ڪيون. جنهن جي نتيجي ۾ ڇنُ دهشتگردن کي گرفتار ڪيو ويو گرفتار دهشتگردن وٽان بارودي مواد ۽ اپگهاتي جيڪٽ ڊاهڻ جو سامان هٿ ڪيو ويو آهي سي ٽي ڊي ترجمان موجب. گرفتار دهشتگردن جو تعلق پابندي مڙهيل تنظيم سان آهي.

بقايا 16 ***

اگهه ۾ في ليٽر ست کان ڏهه رپيا لاٿ جو امڪان آهي، جڏهن ته ڊيزل جي قيمت ۾ اٺ رپيا في ليٽر تائين لاٿ جي تجويز آهي. اوگرا پيٽروليم شين جي اگهن بابت سمري حڪومت ڏانهن اماڻي ڇڏي آهي. ناڻي وارو وزير اوگرا جي سفارشن تي وزيراعظم سان صلاح مشورو

ڪندو. جڏهن ته پيٽروليم شين جي اگهن بابت حتمي فيصلو سڀاڻي ڪيو ويندو. ايندڙ 15 ڏينهن لاءِ پيٽروليم شين جا نوان اگهه 15 مئي جي رات 12 هين وڳي ڪانپوءِ لاڳو ٿيندا.

بقايا 17 ***

روڊ تي آپريشن دوران چار چار انچن جي ٻن غير قانوني ڪنيڪشن جي ڪوشش ناڪام بڻائي ڇڏي، انچارج اينٽي ٿيفٽ سيل موجب پاڻي چور مافيا غير قانوني ڪنيڪشن ايچ ٽي ايم جي لائين مان لڳائي رهيا هئا. ڪارروائي دوران هزارين ميٽر پاڻي جي پائپ سميت ٻيو سامان ۽ ايسڪويٽر برآمد ڪندي منگهوپير ٿاڻي تي واٽر بورڊ ايڪٽ 14 اي تحت ڪيس داخل ڪيو ويو.

بقايا 18 ***

ٿي ويو آهي. ان سلسلي ۾ ناميارو صحافي معظم فخر سوشل ميڊيا جي حوالي سان ٻڌايو آهي ته خطي ۾ روس ۽ چين جي اڳواڻيءَ ۾ جڙندڙ نئين بلاڪ کي ڪامياب ڪرڻ لاءِ سرگرم آهي ۽ يوڪرائن کي به بلاڪ ۾ شامل ڪرڻ چاهي ٿو. ان لاءِ روس ۽ يوڪرائن ۾ ناهه لاءِ سرگرم ٿي ويو آهي. پاڪ - انڊيا ۾ دوستاڻي لاڳاپن لاءِ به چين ڳجهه گوهه ۾ ڪوششون تيز ڪري ڇڏيون آهن.

بقايا 19 ***

او کي فون ڪري ايف آءِ آر داخل ڪرڻ لاءِ به چيو. سينٽرل ضلعي ۾ ڊاهي پٽ ٿيل شادي هالن جي مالڪن به گهڻتي وجائي. سنڌ جي گورنر ڪامران خان ٽيسوري ڪين اندر گهرائي سندن شڪايتون ٻڌيون. ان موقعي تي متحده قومي موومينٽ جو ڪنوينر ڊاڪٽر خالد مقبول صديقي به موجود هو سنڌ جي گورنر چيو ته جيڪڏهن هالن کي غيرقانوني طور ڊاهيو ويو ته انصاف ڪيو ويندو. جيڪڏهن انهن کي قانوني طور ڊاهيو ويو ته ان حوالي سان ڪجهه به نه ٿي سگهندو. سنڌ جي گورنر چيو ته گهڻتي لڳائڻ جو مقصد ته ٻڌڻ وارن ماڻهن جا مسئلا حل ڪرڻ آهي

بقايا 20 ***

ڊي ايم طرفان سڀاڻي سپريم ڪورٽ اڳيان ڌرڻو هنيو ويندو جنهن ۾ شرڪت لاءِ سنڌ سان جي يو آءِ جو قافلو روانو ٿي ويو. ان سلسلي ۾ نوشهرو فيروز ۾ ميڊيا ڳالهائيندي علامه راشد محمود سومري جو چوڻ هو آهي ته ڪراچيءَ کان گاڏين جو قافلو سڀاڻي صبح اسلام آباد پهچندو. اڄ اهڙو شخص ملڪ تي حملو ڪري رهيو آهي جنهن لاءِ زلمي خليل زاد جهڙا ماڻهو ٽوئيٽ ڪري رهيا آهن. هن چيو ته ملڪ ادارن تي حملو ڪندڙ شخص پاڪستان جي دشمنن جو ساٿي بڻيل آهي. اهو شخص جڏهن چيف جسٽس جي سامهون پيش ٿئي ٿو ته چيف جسٽس ڪيس پليڪار ڇٽي ٿو. جي يو آءِ اڳواڻ علامه راشد محمود سومري چيو ته چيف جسٽس جيڪڏهن ملڪ جي رياستي ادارن خلاف تحريڪ هلائيندڙن جي حمايت ڪري ٿو ته چيف جسٽس عدالت عظميٰ جي ڪرسي ڇڏي ۽ سياست جي ميدان ۾ اچي. سندس چوڻ هو ته ملڪ ۾ ڪڏهن مارشلا کي تسليم ناهي ڪيو هو جو جوڊيشلي مارشلا کي به تسليم نه ڪندا. جي يو آءِ اڳواڻ علامه راشد محمود سومري چيو ته چيف جسٽس ملڪ دشمن جي پنيرائي ڪرڻ کان پاسو ڪري. هن وڌيڪ چيو ته عمران خان اقتدار ۾ اچي مُلڪي ميشت ۽ سي پيڪ جو ٻيڙو ٻوڙي ڇڏيو. سڀاڻي اهي اعلان ٿيندا جنهنجو بابت ڪير سوچي به نٿو سگهي.

بقايا 21 ***

ورتي آهي گرفتار جوابدار خلاف دهشتگردي ٽوڙ ڦلمن تحت ڪيس داخل ڪيو ويو آهي.

بقايا 22 ***

سيڪيورٽي ادارن جا سربراهه جو شريڪ ٿيندا رجسٽرار به اهو جنهن کي حڪومت سپريم ڪورٽ مان هٽائي چڪي آهي، پر چارج ڇڏڻ لاءِ تيار نه آهي. جڏهن رجسٽرار حڪومت جا حڪم نه مڃيندو ته سندس حڪم ڪير مڃيندو اجلاس جي ناڪاميءَ بعد هاڻي رجسٽرار ميڊيا ذريعي حڪومت کي سڀاڻي پي ڊي ايم جي ڌرڻي دوران فول پروف سيڪيورٽي انتظام ڪرڻ جي اپيل ڪري رهيو آهي. پر حڪومت ٻڌڻ لاءِ تيار نه آهي. جنهن بعد سپريم ڪورٽ ۽ ججز ڪالوني ۾ خوف پکڙيل آهي.

بقايا 23 ***

ڪئي ويندي. هن آفيسرن کي هدايت ڪندي چيو ته گهڻ ماڙ عمارتن ۾ پورشن ۽ اضافي منزلون ناهڻ وارن خلاف به سخت ڪارروائي ڪئي وڃي ۽ ٻيئل اسپتالون بحال ڪيون وڃن. ياسين شر بلوچ چيو ته رهائشي پلاٽن تي ڪمرشل فليٽس جي اڏاوت ۽ وڪرو سنڌ بلڊنگ آرڊيننس 1979.82 جي شق (1) 19 تحت غير قانوني آهي. ملوث ماڻهن خلاف سخت ڪارروائي ڪئي ويندي. سياڙيڪاري

ڪندڙ شهرين کي چاڻ گهرجي ته ٺيڪيدارن، بروڪرز ۽ خريدارن وچ ۾ ڏي وٺ درست طريقي سان ڪئي وڃي. غير قانوني اڏاوتن وٺڻ کان پاسو ڪيو وڃي ۽ غير قانوني سب ليز جاري ڪرڻ ۾ ملوث ماڻهن خلاف سخت ڪارروائي ڪئي ويندي. ڊائريڪٽر جنرل سنڌ بلڊنگ ڪنٽرول اٿارٽي چيو ته سنڌ بلڊنگ آرڊيننس 1979.82 تحت غير قانوني تعميرات ۾ ملوث ماڻهن خلاف ڪارروائي ڪئي ويندي ۽ انهن کي 3 سال قيد ۽ 50 هزار رپيا ڏنڊ وڌو ويندي.

بقايا 24 ***

ٽائون ڪان ٽاور، اورنگي ڪان ٽاور ۽ سهراب ڳوٺ ڪان قائدآباد تائين ٿيندو. گورنر سنڌ جي ڊي سي جي نگراني ۾ هلندڙ مختلف منصوبن کي ساراهيندي عوام کي رليف فراهم ڪرڻ لاءِ مفت بس ٽرانسپورٽ جي شروعات کي ساراهيو. هن چيو ته بلديه عظميٰ ڪراچي جي بسون به جي ڊي سي حوالي ڪيون وينديون، سنڌ جي گورنر چيو ته عوام جي ڀلائي لاءِ جي ڊي سي جو ڪردار ساراهه جوڳو آهي. ظاقتور پاڪستان پروگرام مان ماڻهن جي گهرن تائين راشن پهچائڻ قابل تحسين ڪوشش آهي. هن چيو ته مستحق ماڻهن جي ڪفالت ۾ وس وارا ماڻهو وڌيڪ تعاون ڪن. ڇاڪاڻ ته مهانگائي سبب عام ماڻهو ۽ ان سان گڏوگڏ سفيد پوش طبقو به متاثر ٿي رهيو آهي. ڪامران خان ٽيسوري چيو ته عدالتن مان عوام کي جلد انصاف فراهم ڪرڻ لاءِ گورنر هائوس ۾ جسٽس لاٽڻن ڪميٽي جوڙي رهيا آهيون، اها ڪميٽي رٽائرڊ ججن تي مشتمل هوندي. سنڌ جي گورنر چيو ته عوام کي وڌ کان وڌ رليف ڏيڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهن هن چيو ته هو سنڌ حڪومت کي تجويز ڏيندو ته هو ٻين ضلعن ۾ عوام لاءِ مفت بس سروس هلائي ۽ گهٽ ۾ گهٽ پگهار 50 هزار ڪرڻ لاءِ به سنڌ حڪومت کي ٻيهر خط لکيو ويندو. هن چيو ته ڪراچي ۾ شرپسندن سرڪاري ملڪيتن ۽ بسن کي ساڙي ڇڏيو. ڏکي عرصي کان خراب پيل بسن کي ٺيڪ ڪري عوام کي فراهم ڪنداسين. ڪامران خان ٽيسوري چيو ته مهانگائي سبب مڊل ڪلاس تمام گهڻو متاثر ٿيو آهي. هن وقت ملڪ ۾ عوام مهانگائي جي طوفان کي منهن ڏئي رهيو آهي. گورنر سنڌ چيو ته عدالتن مان جيڪي فيصلا اچن ٿا اهي قانون بڻجي وڃن ٿا. اسان سيني کي عدالتن تي اعتماد آهي. هن وڌيڪ چيو ته 9 مئي جي واقعي ۾ ملوث ماڻهن کي انصاف جي ڪٽهڙي ۾ آندو وڃي. شرپسند عناصر کي سزا ملڻ گهرجي. سزا ڏني وڃي ته جيئن ڪو به ٻيهر ائين نه ڪري. هن چيو ته 21 مئي جو بابائي قوم کي خراج تحسين پيش ڪرڻ ۽ پاڪ فوج سان ٻڌي جي اظهار لاءِ مزار قائد تي ريلي جو اهتمام ڪيو ويو آهي. شهرين کي اپيل آهي ته ريلي ۾ ڀرپور شرڪت ڪن. جي ڊي سي جي سربراهه ظفر عباس چيو ته اڄ 3 بسون شروع ٿي رهيون آهن ۽ جلد ئي وڌيڪ 14 بسون انهن روٽ تي هلايون وينديون. هن چيو ته سمورن منصوبن جو مقصد عام ماڻهو کي وڌ کان وڌ رليف فراهم ڪرڻ آهي. آئون سهڪار ڪرڻ تي گورنر سنڌ ۽ عرفان واحد جو ٿورائتو آهيان

بقايا 25 ***

ڪم آهن نه ڪوئي ڏهن سالن جو ترقياتي منصوبو آهي نه رستو نه تعليم، صحت، زراعت يا صنعتن تي توجه آهي نه بيروزگاري غربت ۽ مهانگائي تي ڪو ڌيان آهي. 15 سالن کان گورننس ۽ عوامي سهولتن جو سخت بحران آهي. بيروزگاري، غربت ۽ مهانگائي سبب هيٺين ۽ وچولو طبقو پٿر جي دور واري زندگي گذارڻ تي مجبور آهي ۽ سياسي پارٽين جي مفادن جي جنگ ۾ پاڪستاني عوام نشانو بڻيل آهي. اياز لطيف پليجي چيو ته ملڪ ۾ حقيقي جمهوريت اچڻ نه ڏني وئي آهي. مينيج ڪري ڪٺي ايندڙ وارا حڪمران ۽ عوامي قوت کي دٻائي ڪري ملڪ جي صورتحال کي سنگين صورتحال ۾ تبديل ڪري ڇڏيو آهي. پاڪستان انصاف، آئين ۽ قانون جي بالادستي ۽ حڪمراني ڪانسواءِ اڳتي نه وڌي سگهندو. پاڪستان کي هڪ نئين معاشي، آئيني ۽ سماجي چارٽر جي ضرورت آهي. سياسي تنظيمن جي مفادن جي جنگ سبب پاڪستان جي عوام کي نشانو بڻجي رهي آهي اياز لطيف پليجو چيو ته پاڪستان هن وقت شديد معاشي بحران طرف وڃي رهيو آهي. جڏهن ته پاڪستان هن وقت سخت بحران ۾ آهي. پاڪستان سنگين مسئلن جي ور چڙهيل آهي. سياسي پارٽين جون نظرون اقتدار حاصل ڪرڻ ۽ ڏيڻ وٺڻ تي لڳل آهن. پاڪستان جو 80 سيڪڙو عوام غربت جي چڪي ۾ پيسجي رهيو آهي. ماڻهو بک ۽ بدحالي جو شڪار آهن. جنهن ۾ بيروزگاري حد کان وڌي وئي آهي. اياز لطيف پليجو چيو ته پاڪستان ۾ عوامي قوتن کي

دٻائڻ سبب بحرانن جو شڪار رهيو آهي. جمهوريت جو مطلب برابري آهي. جڏهن ته هتي ناانصافي ۽ غريب عوام کي نظرانداز ڪري امير ماڻهن لاءِ جمهوريت قائم ڪئي آهي اياز لطيف پليجو چيو ته سنڌ ۾ ڪرپشن ڪرڻ کي حق سمجهيو وڃي ٿو ڪالا جا غريب عوام جا پئسا دولت چوري ڪري اڄ ارب پتي بڻجي ويا آهن. ڪرپشن جي ڪينسر ۾ سنڌ جا سمورا ادارا تباهه ٿي ويا آهن. ڪالهه جا غريب عوام جي دولت چوري ڪري اڄ ارب پتي بڻجي ويا آهن. ڪرپشن جي ڪينسر ۾ سنڌ جا سمورا ادارا تباهه ٿي ويا آهن. ڪالهه جا غريب عوام جي دولت چوري ڪري اڄ ارب پتي بڻجي ويا آهن سنڌ جا سمورا ادارا ڪرپشن جي ڪينسر ۾ مبتلا ٿي ويا آهن.

بقايا 26 ***

هٿياربندن جي فائرنگ ۾ ٻن عورتن سميت 5 ڄڻا مارجي ويا. پوليس موجب گلشن سرجاني ۾ ڪار تي اڻڄاتل هٿياربندن جي فائرنگ ۾ ٻه ڄڻا مارجي ويا. قتل ٿيل ٻن ڄڻن جي سڃاڻپ ٿي وئي آهي. مقتول پاڻ ۾ دوست هئا جن سڃاڻپ نسيم جاويد ۽ ٻئي جي بابر جي نالي سان ٿي. ظاهر طور واقعو ڦر دوران مزاحمت جو ٿو لڳي. پوليس موجب بلديه گلشن غازي ۾ ڊبر جي فائرنگ ۾ نورين بي بي نالي عورت مارجي وئي. واردات بعد جوابدار رفاقت موقعي تان فرار ٿي ويو. پوليس گهر مان واقعي ۾ استعمال ٿيندڙ پستول هٿ ڪري ورتو آهي. ريسڪيو موجب، ڊيفنس فيز 6 خيابان هلال ۾ عربي محل ويجهو عورت گهر ۾ هٿيار صاف ڪندي اتفاقي گولي ڇٽڻ سبب حياتي وڃائي ويٺي، جنهن جي سڃاڻپ 24 ورهين جي صفيه جي نالي سان ٿي آهي. پوليس موجب، ملير 15 ۾ بکرا پڙي ويجهو صاحب داد ڳوٺ ۾ شادي جي تقريب دوران فائرنگ سبب ارسلان نالي نوجوان مارجي ويو فائرنگ ڪندڙ جوابدار کي هٿيار سميت گرفتار ڪيو ويو جوابدار علي رضا مقتول ارسلان جو دوست آهي. پوليس جو چوڻ آهي ته سهراب ڳوٺ، سنڌي سوسائٽي پرسان مبينا پوليس مقابلي بعد سلطان نالي ڦورو کي زخمي حالت ۾ هٿيارن سميت گرفتار ڪيو ويو آهي. هوڏانهن سڄل ڳوٺ ۾ سرسيد چوڪ وٽ فائرنگ جي ڏي وٺ ۾ پرويز نالي ڦورو کي زخمي حالت ۾ گرفتار ڪيو ويو آهي. جوابدار پرويز ان کان اڳ ڇهه ڀيرا جيل ڪاٽي چڪو آهي.

بقايا 27 ***

کي ڊيفنس جي علائقي مان گرفتار ڪيو ويو آهي. پوليس موجب، ميان محمود الرشيد خلاف نو مئي وارن واقعن ۾ ملوث هجڻ جو ڪيس داخل آهي. واضح رهي ته پي ٽي آءِ جا سينيئر اڳواڻ. شاهه محمود قريشي، اسد عمر، فواد چوڌري، اعجاز چوڌري ۽ ٻيا به گرفتار آهن.

بقايا 28 ***

تي مفتي قوي کي چماٽ هڻڻ جي وڊيو هڪ ڀيرو ٻيهر شيئر ڪئي. ٽوئٽر تي ڪيپشن ۾ هن لکيو ته جعلي مفتي عبدالقوي پنهنجي انٽرويوز ۾ بڪواس ڪئي ته خان صاحب جو نڪاح غير شرعي هو هي آهي منهنجو هن غير شرعي ماڻهو کي جواب. ٻئي پاسي هڪ ٻئي ٽويٽ ۾ ٽڪ ٽاڪر جو چوڻ هو ته پاڪستان ڊيموڪريٽڪ موومينٽ ۽ جماعت علماءِ اسلام ف جي امير مولانا فضل الرحمان لاءِ سڀاڻي صبح ٻارهين وڳي اهم وڊيو پيغام جاري ڪنديس. وقت اچي ويو آهي ته پاڪستان عوام مولانا جا ٻه ڪرتوت ڄاڻي وٺي. پاڪستان کان اٺ ارب ڊالر فنانسنگ جو مطالبو ناهي ڪيو: آءِ ايم ايف

بقايا 29 ***

۾ ٽي رڪني خاص بئنچ ڪيس جي ٻڌڻي ڪندي، جسٽس اعجاز الاحسن ۽ جسٽس منيب اختر ٽي رڪني بئنچ جو حصو هوندا.

بقايا 30 ***

کي دل جو دورو پوڻ سان فوت ٿيو. سندس لاڏاڻي تي چيف سيڪريٽري سنڌ ڊاڪٽر محمد سهيل راجپوت سيڪريٽري عمران عطا سومرو جي لاڏاڻي تي ڏک جو اظهار ڪيو آهي. چيف سيڪريٽري سنڌ فوت ٿيلن جي وارثن سان تعزيت جو اظهار ڪندي مرحوم جي لاءِ مغفرت جي دعا ڪئي. الله سائين مرحوم کي جنت الفردوس ۾ جڳهه عطا فرمائي. آمين

بقايا 31 ***

ايسٽر پيريز ميڊيا کي جاري ڪيل بيان ۾ چيو آهي ته آءِ ايم ايف پاڪستان جي پائيدارن طرفان مالي مدد تي حمايت جاري رکندو. هن وڌيڪ چيو ته آءِ ايم ايف، پاڪستان کان اٺ ارب ڊالر فنانسنگ جو مطالبو ناهي ڪيو. جڏهن ته نائين جائزي ۾ طئي ٿيل پاڪستان جي پرڏيهي ادائيگين جي ڪوشش جي حمايت ڪيون ٿا.

بقايا 32 ***

ڪان ڊنل آهن. ڪين اليڪشن ۾ عبرتناڪ شڪست جو ڊپ آهي. پاڪستان ۾ هن وقت ملڪي تاريخ جي ڪمزور ترين جمهوريت آهي. اهڙي صورتحال ۾ اميد رڳو عدليا مان آهي. پي ٽي آءِ سربراهه عمران خان چيو آهي ته هو ٻيهر به جيل وڃڻ لاءِ تيار آهي. گرفتاري وقت اوچتو ڪجهه ماڻهو ڪمانڊوز وانگر آيا. مون سمجهيو منهنجي حفاظت لاءِ آيا آهن. هن چيو ته حياتي کي پيش خطرن کي نظر ۾ رکندي جج منهنجي حفاظت جو حڪم ڏنو. جنهن نموني مون کي گرفتار ڪيو اهو سڀ حيران ڪندڙ هو. اڄ تائين ڪنهن سياستدان مٿان ڏيڍ سئو ڪيس ناهن ٿيا. عمران خان چيو ته اسلام آباد هاءِ ڪورٽ مان مون کي اٿين پڪڙيو ويو جڻ مان ڪو وڏو دهشتگرد هجان. حڪومت جو منصوبو مون کي ۽ منهنجي جماعت کي چونڊن کان ٻاهر ڪرڻ آهي. هن هڪ ڀيرو وري پاڪ فوج جي سربراهه جنرل عاصم منير تي الزام لڳائيندي چيو ته ڪيس آرمي چيف جي حڪم تي اغوا ڪيو ويو هن جو چوڻ هو ته پرتشدد واقعن ۾ اسان جا ماڻهو ملوث نه آهن. ڀڃ ڊاهه وارن واقعن جي شفاف جاچ ٿيڻ گهرجي. اڳوڻي وزيراعظم چيو ته پاڪستان ۾ بنيادي انساني حقن جي لتاڙ ٿي رهي آهي. پوليس وارا منهنجي گهر جو دروازو ٽوڙي اندر داخل ٿيا. سندس چوڻ هو ته حڪمران مون کان ڊنل آهن. هو خوف ۾ ورتجي ويا آهن ۽ غلط فيصلا ڪري رهيا آهن. ملڪ جي سمورن بحرانن جو حل اليڪشن آهي. شفاف چونڊون ڪرايون وڃن ته سمورا بحران ختم ٿي ويندا. هن وڌيڪ چيو ته مون کي مارڻ جي ٻيو ڀيرو ڪوشش ڪئي وئي. مان هر قسم جي تشدد جي مذمت ڪريان ٿو ڪهڙي مُلڪ ۾ سڀ کان وڏي پارٽي جي اعليٰ قيادت کي اهڙي طرح گرفتار ڪرڻ يا نظربند ڪيو ويندو آهي؟ . واضح رهي ته اسلام آباد هاءِ ڪورٽ القادر ٽرسٽ ڪرپشن ڪيس سميت ٻين ڪيسن ۾ عمران خان جي عبوري ضمانت منظور ڪندي ڪيس آزاد ڪرڻ جو حڪم ڏنو هو.

بقايا 33 ***

ڀٽو جو چوڻ هو ته 14 مئي پاڪستان ۽ جمهوريت لاءِ تاريخ ساز ڏينهن آهي. اڄوڪي ڏينهن تي بينظير ڀٽو ۽ نواز شريف ميثاق جمهوريت جي دستاويز تي صحيح ڪئي. هن چيو ته ميثاق جمهوريت تي ثابت قدمي سان عمل ڪرڻ سبب مُلڪ جي وقار ۾ واڌارو ۽ جمهوريت مضبوط ٿي. بلاول جو چوڻ هو ته آصف علي زرداري ميثاق جمهوريت تي عمل ڪندي اختيار پارليامان حوالي ڪيا، 18 هين آئيني ترميم وفاق ۽ سمورين ايڪائين وچ ۾ هڪ ميثاق آهي. هن چيو ته اڄ پارليامينٽ تي حملاٿي رهيا آهن ۽ ان جي اختيارن کي چئلينج ڪيو پيو وڃي، نئون آئين لکيو پيو وڃي، جيڪو پاڪستان پيپلز پارٽي کي ڪنهن به صورت ۾ منظور ناهي. پ پ چيئرمين چيو ته آئين سازي جو اختيار رڳو پارليامينٽ کي حاصل آهي، باقي ادارن جو فرض آهي ته هو پارليامان جي منظور ڪيل قانون تي عمل ڪن. سندس چوڻ هو ته جمهوريت پسند سياسي پارٽيون بااختيار پارليامينٽ جي اصول تي هڪ صفحي تي آهن. هن وڌيڪ چيو ته ميثاق جمهوريت تي سختي ۽ ثابت قدمي تي عمل سان غير جمهوري سوچ کي شڪست ڏيڻي پوندي. ٻئي پاسي ناڻي واري وفاقي وزير اسحاق ڊار ۽ گهرو وزير راڻا ثناءُ الله پاڪستان ڊيموڪريٽڪ موومينٽ (پي ڊي ايم) جي سربراهه مولانا فضل الرحمان سان ملاقات ڪئي. اجلاس ۾ وفاقي وزيرن مولانا فضل الرحمان کي اپيل ڪئي ته هو سپريم ڪورٽ ٻاهران احتجاج نه ڪن. ان حوالي سان اسحاق ڊار جو چوڻ هو ته ملڪ جون حالتون ڪجهه ڏينهن اڳ خراب ٿيون، ان ڪري وفاقي حڪومت پي ڊي ايم ڊي چوڪ تي احتجاج ڪرڻ چاهي ٿي. وفاقي وزيرن جي اپيل تي مولانا فضل الرحمان چيو ته اسان اعلان ڪيو آهي ته فيصلو هاڻي عوام جي عدالت ۾ ٿيندو. سڄي ملڪ مان قافلا اسلام آباد ڏانهن روانا ٿي ويا آهن. هن چيو ته ڪارڪن پرامن آهن ۽ پرامن احتجاج ڪندا. اسان جا ڪارڪن هڪ ڀونڊو به نه ٽوڙيندا.

بقايا 34 ***

شماري جو فيلڊ ورڪ 15 مئي تائين هر صورت ۾ مڪمل ڪرڻ جي هدايت ڪئي وئي آهي. خط جي متن موجب، آدم شماري ۾ هينئر تائين پنج ڀيرا واڌ ٿي چڪي آهي. پهرين مارچ کان شروع ٿيل آدم شماري جي ابتدائي ڊيڊ لائين چار اپريل تائين هئي.

بقايا | سنڌيار | 01

جوکي هجڻ سبب نوشهروفيروز اسپتال منتقل زخمين ۾ هڪ ڌر جا استاد اصغر رحمت الله نويد ۽ ٻئي ڌر جا چنيسر عبدالمجيد مشوري ۽ ٻيا شامل علائقي واسين جو چوڻ آهي ته ڪيترن ئي مهينن کان پلاٽ جو معاملو هلندڙ هيو ۽ اڄ صبح اچانڪ ٻنهين ڌرين ۾ جهيڙو ٿي پيو آهي. جنهن ۾ مجموعي طور تي وي ڄڻا ستت زخمي ٿي پيا آهن هوڏانهن ٿيل جهيڙي سبب علائقي ۾ خوف و حراس وارو ماحول ڇانئجي ويو آهي . علائقي واسين گهر ڪيي آهي ته تڪ جا بااثر حضرات ڪردار ادا ڪن ته جيئن علائقي ۾ امن امان واري فضاء بحال ٿي سگهي.

بقايا | سنڌيار | 02

نامعلوم چور ڪاهي فرار ٿي ويا آهن، شهري راجو مالهي جو چوڻ آهي ته منهنجي دڪان ٻاهران بيٺل موٽر سائيڪل نامعلوم چور ڪاهي فرار ٿي ويا آهن، پوليس کي سي سي ٽي وي فوٽيجز هٿ ڪري ڏيڻ باوجود چورن خلاف ڪا به ڪارروائي نه پئي ڪري، هن چيو ته پوليس جي عدم دلچسپي سبب هر آئي ڏينهن موٽر سائيڪل چوري جي وارداتن سبب ماڻهن جو جيئڻ جنجال ٿي ويو آهي، هوڏانهن نئون ڪوٽ پوليس موجب اسان کي اطلاع مليو آهي جاچ ڪري رهيا آهيون.

بقايا | سنڌيار | 03

لاکو جڙتو مقابلي ۾ ماريا آهن ۽ هاڻي اسان جا پنج نوجوان وحيد لاکو نصر الله . مجاهد . شاهنواز ۽ لياقت لاکو کي پريارو ڙ مان گرفتاري بعد گم ڪري ڇڏيا آهن ان سلسلي ۾ ايڊووڪيٽ امر امتياز ميمڻ ٻڌايو ته فريادن جي درخواست تي درخواست ايڊيشنل سيشن جج نوشهروفيروز جي عدالت ۾ داخل ڪرائي آهي جنهن تي عدالت سڪوري ايس ايس پي نوشهروفيروز کان پنجن ئي نوجوانن جي بازيابي لاءِ ڊي ايس پي ۽ انسپيڪٽرن جي سربراهي ۾ ٽيم جوڙي آهي جيڪا هڪ هفتي ۾ رپورٽ عدالت ۾ جمع ڪرائيندي ته نوجوان ڪٿي آهن ڳوٺاڻن آءِ جي سنڌ ڊي آءِ جي شهيد بينظيرآباد ايس ايس پي نوشهروفيروز کان گهر ڪندي معاملي جو نوٽيس وٺي ذميوار پوليس آفيسرن خلاف ڪارروائي جو مطالبو ڪيو آهي

بقايا | سنڌيار | 04

موقعي تي مشهور ميمڻ، اويس علي ميمڻ، دودو سومرو، امجد علي ڪوسو محمد يوسف راهوجو محمد صادق سولنگي ۽ ٻين شهرين پاران مسافر ريل گاڏين جي بندش خلاف احتجاج ڪيو ويو مشهور ميمڻ چيو ته گذريل 10 مهينن کان تعصبي وفاقي حڪومت هن روهڙي کان ڪوٽڙي ريلوي لائين تي هلندڙ مسافر گاڏيون بند ڪري ڇڏيون آهن ٽرين سروس جي بحالي تائين احتجاجي تحريڪ جاري رهندي

بقايا | سنڌيار | 05

اينڊ ريسٽورنٽ جي احاطي ۾ ڪچري جي ڍير ۾ پراسرار طور تي باهه لڳي وئي، جنهن جي نتيجي ۾ هوٽل ۾ رکيل سامان سڙي رک ٿي ويو فائربرگيڊ کي فوري طور اطلاع ڏنو ويو فائر برگيڊ عملو موقعي تي پهچي باهه کي وڌيڪ پکڙجڻ کان روڪي ڇڏيو، فائر برگيڊ عملي موجب باهه ڪچري جي ڍير مان لڳي جنهن ڏسندي ڏسندي ئي پوري هوٽل کي پنهنجي لپيٽ ۾ آڻي ڇڏيو پر باهه تي ضابطو آندو ويو آهي هوڏاهن هوٽل مالڪ جو چوڻ آهي ته لکين روپين جو نقصان ٿيو آهي

بقايا | سنڌيار | 06

کي جنم ڏينهن جي مبارڪ ۽ نوڪري دورانيو پورو ڪرڻ تي مڃتا ڏيڻ لاءِ وائرليس آفيس ايريگيشن گهوٽڪي ۾ ملهايو ويو جنهن ۾ سياسي سماجي، ادبي، صحافتي، وڪيل، استاد يونين، آپڪا يونين سميت وڏي انگ ۾ ماڻهن جي شرڪت، دهل شرنائين سان آدرڀاءُ، ٽوپي اجرڪ، مالها ۽ پٽڪي جا تحفا به ڏنا ويا هن تقريب ۾ سياسي پ پ پ صوبائي منسٽر جام اڪرام خان ڌاريجو جي پرسنل اسسٽنٽ طالب حسين عباسي ، پ پ پ ايم اين اي سردار محمد بخش خان مهر جي ميڊيا ڪوآرڊينيٽر سڪندر علي سرحدي، سماجي اڳواڻ قمردين، پ ٽ الف اڳواڻ استاد حاڪم علي شيخ، استاد غلام سروي، مزدور يومين ايف ايف سي اينگرو يونين، وطن دوست مزدور فيڊريشن جي غلام سرور عباسي، ادبي شخصيت قاضي محبوب رشيد، سارنگ ڪلادي، منظور احمد خان گهوٽو احسان ڪلادي ، سڪندر مگسي، عبدالحئي پتو، تعليم دان پروفيسر عبدالحفيظ دايو صحافين احسان احمد ڪلوڙ، ساجد علي ڪورائي، نظير احمد لانگاهه جي يو آئي سنڌ جي اڳواڻ خالد محمود، عبدالحفيظ چنو ، شهري اتحاد ۽ سبزي يونين جي صدر نور بخش بروهي ، يوسي سيڪريٽري خادم حسن، ڊسٽرڪٽ ڪائونسل ميمبر غلام النبي ڪلهوڙو، آپڪا گهوٽڪي سنڌ جي عبدالواحد ڪلهوڙو، مشتاق احمد، عبدالاحد فهد ، رياض احمد سيال، لياقت سمائر، ڊائريڪٽر گهوٽڪي سرڪل ڪئنال ايريا واٽر بورڊ گهوٽڪي خورشيد احمد ڪوڪر صاحب، ايگزيڪيوٽو انجنيئر گهوٽڪي ايريگيشن ڊويزن انور علي سومرو صاحب، اسسٽنٽ ايگزيڪيوٽو انجنيئرس محمد هاشم مهر، عبدالوحيد ڪلوڙ، قربان علي ڪلوڙ، عضير احمد پتافي، اليڪشن آفيسر عبدالماجد ڪلهوڙو سميت سمورا اوباوڙو ڪان سکر تائين جي ٽيليفون آپريٽرس، ڪلارڪن ۽ معززين شرڪت ڪئي، ان موقعي تي اڳواڻن ڳالهائيندي چيو ته ڪامريڊ فضل حسين ڪلهوڙو گهڻ رخي شخصيت جو مالڪ آهي جيڪو هنس مک سلي چال چلت جو مالڪ ۽ ملنسار آهي هن پنهنجي نوڪري دوران بغير ڪنهن رنگ، نسل جنس مذهب جي سيني ڪاتيدارن جي مدد ۽ خدمت ڪندو هو هن پنهنجي سموري 42 سال جي نوڪري جي عرصي دوران ڪڏهن به ڪنهن آفيسر خلاف ڪمپلين نه ڪئي، نه ئي ڪڏهن ريگيوليشن ۾ مس مئنيجمينٽ ڪئي هي واحد شخص آهي جنهن پنهنجو پاڻ ايريگيشن کاتي کي ارپي ڇڏيو هو هن جي ڪري ڪاتيدارن کي پاڻي پهچندو آهي جنهن وسيلي سنڌن زمينون آباد ٿينديون هيون رهڪي پوکي زراعت کي هٿي ملندي هئي، اڄ سندن رٽائرمينٽ تي اسان کي خوشي ٿئي ٿي ته اهڙي شاندار نموني سان فيئر ويل پارٽي ۽ جمڻ ڏينهن سيليبريٽ ڪرڻ جي تقريب ۾ ملازم آفيسر ۽ سول سوسائٽي جا ماڻهون ويٺل آهن ۽ پنهنجو پيار محبت جا تحفا گل هار ڪنڌهيون وغيره به ڏئي رهيا آهن اڳواڻن اهو پڻ چيو ته ڪامريڊ صبح جو 5 بجه ڪان اٿي پنجاب صوبي جي ڊيمن دريائن، ندين ڪان ويندي ڪوٽڙي تائين جي سموري دريائن، واهن، ڪئنالن، فيڊرس، شاخن جي گئيجز وٺندو هو ۽ هر هڪ ڏانهن ميسيج به ڪندو هو ان جي هڪڙي خاصيت اها به هئي ته جيڪڏهن ڪير هن کي رات جو2 بجه به ڪال ڪري پاڻي اوور ٽاپ ٿيڻ جو اطلاع ڏيندو هو ته هي ان کي ريسپانس ڏئي راتين جون راتيون ڏينهن جاڳي واهه فيڊر ٽٽڻ کان محفوظ بڻائي پوءِ سک جو ساهه کڻندو هو، هن جي رٽائرمينٽ کان پوءِ شايد ئي ڪو هن جي جڳهه والاري ۽ پڇڙي جي آبادگارن کي پاڻي پهچائي سگهي، آخر ۾ ڪامريڊ فضل ڪلهوڙو ريگيوليشن انچارج ايريگيشن گهوٽڪي ڳالهائيندي چيو ته مون کي فخر آهي ته پنهنجي نوڪري جو دورانيو ڪلندي سماج جي خدمت ڪندي گذاريو آهي جنهن جو ثبوت هن تقريب ۾ شرڪت ڪندڙ آفيسرن ۽ سٽ جي سائي ملازمن ڏنو آهي، آئون مشڪور رهندس آخر ۾ هن هي شعر پڙهي پنهنجي جڳهه ورتي حياتي جا رنگريز مليا چار پل ها سي سجدي ۾ سوئنهن جي ڪپائي وڃون پيا،اسان پنڌ پنهنجو پڄائي وڃون پيا،اوهان ساڻ ناتو نڀائي وڃون پيا ٽڪي جي ڪريا سين ته تنهنجو پرم پچندو،گهڻن جي اکين جو اسين هٽ هٽاسين

بقايا | سنڌيار | 07

چانديو، علي ابڙي شرڪت ڪئي. ان موقعي تي صدارتي راءِ ڏيندي ڪڏجائي جي صدارت ڪندڙ آدرش امير جان چيو ته شاعري قومن جي سماجي ۽ نفسياتي تاريخ هوندي آهي، سماج ۾ ٿيندڙ المين سان گڏوگڏ فردن تي پوندڙ نفسياتي اثرن جو اظهار هوندي آهي ته ڪهڙي دور جا فرد ڪهڙي نفسياتي يا سماجي ڪشمڪش جو شڪار پڻ رهيا! هن وڌيڪ ڳالهائيندي چيو ته هن دور ۾ لکي ويندڙ شاعري اسان جي موجوده سماج جي تاريخ ۽ آئينو آهي جيڪو ايندڙ نسل وٽ محفوظ هوندو. ۽ ايندڙ نسل ٻين علمن سان گڏوگڏ شاعري، مان به پنهنجي ماضيءَ کي نهاري سگهندو. تنهنڪري شاعريءَ ۾ اسان کي بجاءِ تجريديت جي بي انتها استعمال جي سماجي حقيقتون اظهارڻ کپن. ۽ شاعر کي ريئلسٽڪ هجڻ گهرجي! جيئن پنهنجي دور جو حقيقي عڪس چٽي سگهي.

بقايا | سنڌيار | 08

گولي هڻي شهيد ڪري ڇڏيو. شهري ۽ ڀرپاسي جي علائقن توڙي ڳوٺن جا ماڻهو ڦورن ۽ چورن جي رحم ڪرم تي، نئون ديرو ٿاڻي تي مقرر نااهل ايس ايڇ او سميت عملي جو امن امان جي بحاليءَ لاءِ ڪو به جوڳو قدم نه کنيو قانون جي رٽ ختم ٿي وئي، هفتي اندر شهر مان تعليم کاتي جي آفيسر سميت 7 کان وڌيڪ شهرين ڪان ڦر جون وارداتون شهري غير محفوظ بڻجي ويا، پ پ جي چيئرمين پرڏيهي وفاقي وزير ۽ ايم پي اي فريال ٽالپر کان فوري نوٽيس وٺي نااهلي ڪندڙ پوليس کي هٽائي قانون جي رٽ بحال ڪرڻ جو مطالبو ڪيو ويو آهي. رپورٽ موجب نئون ديرو لڳ پنجوديرو لاڙي وٽان انجاتل هٿياربندن روڊ سان ويندڙ ڏڙو مرزاپور لڳ آباد ڳوٺ جي رهواسي حاضر سروس فوجي جوان جهانگير عرف جاني پٽ محرم علي سومرو کان موٽر سائيڪل، موبائل فون ۽ ٻيو سامان ڦرڻ ڪري آسانيءَ سان فرار ٿي ويا. ڦورن سان مزاحمت ڪرڻ تي هٿياربندن فوجي جوان کي مٿي ۾ گولي هڻي ڦٽڪار ڪري ڇڏيو ۽ آسانيءَ سان فرار ٿي ويا. روڊ تي زخمي حالت ۾ تڙپندڙ نوجوان کي رستي ويندڙ ماڻهن چنگچي لوڊر ۾ کڻائي نئون ديرو اسپتال علاج لاءِ پهچايو ته اطلاع تي نئون ديرو ٿاڻي جي پوليس به اسپتال پهچي وئي، جتي زخمي نوجوان کي طبي امداد ڏيارڻ بعد نازڪ حالت هجڻ ڪري چانڊڪا اسپتال لاڙڪاڻي جي ايمرجنسي وارڊ نيو ويو جتي زخمن جي سور نه سهندي فوجي جوان شهيد ٿي ويو واقعي بابت نئون ديرو ٿاڻي جي ايس ايڇ او جو چوڻ هو ته اطلاع تي اسان پهچي نوجوان کي علاج لاءِ چانڊڪا اسپتال منتقل ڪرايو نوجوان بيهوشيءَ واري حالت ۾ هجڻ ڪري سندس ڪا به سڃاڻپ نه پئي ٿي جنهن جي جاچ بعد ڄاڻ پئي ته هو ڏڙو مرزاپور پرسان آباد ڳوٺ جو رهواسي حاضر سروس فوجي جوان جهانگير عرف جاني سومرو آهي جيڪو ڪينٽ ننو عاقل ڇانوڻي ۾ ڊيوٽي ڪندڙ هو ۽ اڄ ڦورن سان مزاحمت ڪندي شهيد ٿي ويو آهي واقعي بابت وڌيڪ جاچ ڪري رهيا آهيون ٻئي طرف شهيد فوجي جوان جهانگير سومرو جو مڙهه لاڙڪاڻي کان نئون ديرو اسپتال آندو ويو جتي ضروري ڪارروائي بعد مڙهه ڳوٺ آباد نيو ويو جتي بعد ۾ فوجي اعزاز سان سلامي پيش ڪرڻ بعد تدفين ڪئي ويندي.

بقايا | سنڌيار | 09

سفر جون سهولتون فراهم ڪيون وڃن، اهڙن خيالن جو اظهار جنگشاهي جي سياسي، سماجي، واپاري اڳواڻن ۽ شهرين جنگشاهي ۾ ٿيل ڪڏجائي کي خطاب ڪندي ڪيو . ان موقعي تي سماجي اڳواڻ عبدالقادر شيخ، واپاري برادري جي صدر غلام مصطفيٰ خواجا، رانا محمد اقبال راجپوت، عبدالرئوف بروهي، اظهر جاڪرو، لطيف راڏائي، اشرف جوکيو عاطف پليجو، ياسر قريشي ۽ ٻيا پڻ موجود هئا، اڳواڻن جو چوڻ هو ته موجوده وقت جنگشاهي ريلوي اسٽيشن تي ريل گاڏين جا اسٽاپ نه هئڻ ڪري ضلعي ٺٽي ۽ سجاول جي عوام کي ڏکيائون پيش اچي رهيون آهن جڏهن ته موجوده وقت جنگشاهي ڪوهستان ۾ سي پيڪ، ڪي فور سميت مختلف ڪمپنين جا ميگا پروجيڪٽس هلندڙ آهن جنهن جي ڪري پروجيڪٽ ۾ ڪم ڪندڙ هزارين ملازم جنگشاهي ريلوي اسٽيشن کان ملڪ جي مختلف علائقن ۾ ريل جو سفر ڪن ٿا ۽ ڪيترائي عقيدتمند اڪثر ڪري جنگشاهي ريلوي اسٽيشن تان ملتان سميت ٻين مذهبي زيارتن لاءِ سفر ڪندا آهن جنهن مان ريلوي کي تمام گهڻي آمدني ٿئي ٿي پر بدقسمتي سان جنگشاهي ريلوي اسٽيشن تي ريل گاڏين جا اسٽاپ نه هئڻ ڪري ونڊ پلانٽ ملازمن سميت هتان جي عوام ۽ زيارتن تي ويندڙ عقيدتمندن کي گهڻي پريشاني کي منهن ڏيڻو ٿو پوي ان کان علاوه ڪراچي ۽ حيدرآباد جي مختلف ادارن ۾ نوڪري ڪندڙ ملازمن، مختلف يونيورسٽين ۾ پڙهندڙ شاگردن ۽ شاگرديائين ۽ علاج سانگي ويندڙ مريضن کي پڻ گهڻي پريشان ٿئي ٿي، واپاري اڳواڻن جو وڌيڪ چوڻ هو ته غوث بهاءُ الدين ذڪريا ملتان ايڪسپريس جو گذريل 25 سالن کان جنگشاهي ريلوي اسٽيشن تي مسلسل اسٽاپ آهي پر بدقسمتي سان ڀهرين جون کان هلندڙ غوث بهاءُ الدين ذڪريا ملتان ايڪسپريس جو بلاجواز جنگشاهي ريلوي اسٽيشن تان اسٽاپ ختم ڪري ٺٽي ۽ سجاول ضلعن جي عوام سان سراسر ناانصافي ۽ زيادتي ڪئي وئي آهي، ان موقعي تي اڳواڻن پاران ايم اين اي ٺٽو شمس النساء ميمڻ، ايم اين اي سجاول سيد اياز علي شاهه شيرازي، ڊي ايس ريلوي ڪراچي ۽ پاڪستان ريلوي انتظاميا کان مطالبو ڪندي چيو ته جنگشاهي ريلوي اسٽيشن غوث بهاءُ الدين ذڪريا ملتان ايڪسپريس ۽ علامه اقبال ايڪسپريس جو اسٽاپ فوري طور تي بحال ڪري ضلعي ٺٽي ۽ سجاول جي عوام کي بهتر سفري سهولتون فراهم ڪيون وڃن ٻي صورت ۾ سخت احتجاج ڪيو ويندو.

بقايا | سنڌيار | 10

ته تحريڪ انصاف جي اڳواڻ هجڻ جي ناطي عمران نيازي کي هول سيل جي بنياد تي نه پر سڄي چمار جون ضمانتون ڏيڻ گهرجن. حيرت جي ڳالهه اها آهي ته عمران نيازي تي داخل ڪيس جون ضمانتون ٿيون پر منزو نڌهن آيو جڏهن انهن ڪيسن جي پڻ ضمانت ڏني وئي جيڪڏهن ڪيس داخل کي ناهن. جيڪڏهن انصاف آيترو وڏي جي ته پوءِ انصاف انصاف ناهي لڳندو ڇاڪاڻ ته ناانصافي جي ڪا حد ٿي ناهي، ناصر حسين شاهه چيو ته اها پسند، شخصيت پرستي ۽ گهر مان انصاف حاصل ڪرڻ لاءِ دٻاءَ پاڪستان جي انصاف واري نظام کي تباهه ڪري رهيو آهي، منهنجي خيال ۾ هن وقت ملڪ کي حبيب جالب ۽ شيخ اياز جهڙن شاعرن جي هڪ ڀيرو ٻيهر ضرورت آهي، فيض احمد فيض جي به ضرورت آهي پر سندس نالو انڪري ناهي ورتو ته جيئن ڪرپاڻ ڏانهن نه سمجهجي.

بقايا | سنڌيار | 11

چنگ نواز حاڪم علي سولنگي "چنگ"، محبوب لغاري "غزل" پيش ڪيو ويهڪ ۾ پيش ڪيل تخليقن تي سنڌي ادبي سنگت، سنڌ جي مرڪزي خزانچي اعظم پتي، ضلعي رابطا سيڪريٽري آغا جان آغا، شاخ ٽنڊي محمد خان جي سيڪريٽري رفيق "آس" لغاري، اعجاز علي جسڪاڻي، گل خاصخيلي، مختيار نظاماڻي، عاشق علي ڳاهو گل محمد سومرو، وِمل ڪيمچند شرما، چتو "رمز" خاصخيلي، حاڪم علي رند، امداد حسين "ارمان" خاصخيلي، محمد اشرف سنيو حاجي سميع الله ميمڻ، اياز علي لغاري ۽ ٻين بهترين اصلاحي ۽ تنقيدي رايا ڏنا. ويهڪ جي وقتي صدر محترم پوهومل هاساڻي خوبصورت آواز ۾ گيت ٻڌائڻ بعد پنهنجي صدارتي راءِ ڏيندي چيو ته سنڌي ادبي سنگت شاخ ٽنڊي محمد خان جي اجوڪي ويهڪ ۽ ٻين شرڪت ۽ تخليقن جي لحاظ سان ڀرپور رهي، بهترين تخليقن تي شاندار رايا ڏنا ويا، رايا ڏيڻ سان محسوس ٿيو ته مطالعو ۽ مشاهدو گهڻو ڪجهه سيکاري ٿو وڏي ڳالهه ته شاخ جي ادبي ويهڪن ۾ اها مثبت سوچ پروان چڙهندي رهي آهي ته هتي عمر توڙي ذات پات جو ڪو به فرق محسوس ناهي، اهميت تخليق، تنقيد ۽ اصلاحي ڪردار جي آهي. آخر ۾ شاخ جي سيڪريٽري رفيق آس لغاري، شاهه لطيف جي بيت جي ادائيگي معنيٰ ۽ تشريح سان پيش ڪري ويهڪ جي پڄاڻي ڪئي ان کان اڳ ناميارا اديب ۽ شاعر عبدالله "شاد" جلباڻي جي گهرواريءَ جي وفات تي ڏک جو اظهار ڪندي فاتحه خواني ڪئي وئي

بقايا | سنڌيار | 12

ڪوسو سميت ضلع جي مختلف شهرن مان وڏي انگ ۾ پارٽي عهديدارن ۽ ڪارڪنن ڀرپور شرڪت ڪئي . ان موقعي تي مرڪزي اڳواڻ رحيم بخش ڪوسو هاري ڪاميٽي اڳواڻ الله بخش جوڻيجو ۽ ٻين خطاب ڪندي چيو ته هي پارٽي شهيدن جي پارٽي آهي شهيد ذوالفقار علي ڀٽو شهيد ميرمرتضيٰ ڀٽو عوام لاءِ پنهنجي جانيون قربان ڪيون ۽ ڪنهن جابر يا ڊڪٽيٽر آڏو ڪنڌ نه جهڪايو ۽ هميشه غريب مسڪين پورهيت ۽ هاري جي خدمت ڪئي اڄ اهو ئي سبب آهي جو ڀٽو خاندان عوام جي دلين ۾ آهي جابر ۽ ڊڪٽيٽر پنهنجي پڄاڻي تي پهچي ويا آهن هنن وڌيڪ چيو ته اسان شهيد مير مرتضيٰ ڀٽو جا پوئلڳ آهيون اسان ڪنهن کان بچڻ وارا ناهيون ۽ شهيدن جي پارٽي جو پيغام گهر گهر پهچائينداسين ۽ شهيدن جي پارٽي کي مظبوط ڪرڻ لاءِ ڪڏهن به ڪنهن قرباني ڏيڻ کان پوئتي نه هٽنداسين ۽ پارٽي جي پاليسي لاءِ هروقت جاکوڙ ڪندا رهنداسين جڏهن ته اجلاس ۾ تنظيمي صورتحال بابت پڻ غور ويچار ڪيو ويو جڏهن ته اجلاس ۾ آيل اڳواڻن ۽ ڪارڪنن کي مانجهاندو پڻ ڏنو ويو

بقايا | سنڌيار | 13

ڪرايا ويا، جنهن ۾ ڪرڪيٽ بورڊ پاران لاڙڪاڻو ريجن کان مظهر ڏينازي، اڪرم رند کي ڪوچ مقرر ڪيو ويو دادو جي نوجوان ڪرڪيٽرن کان بيٽنگ، بالنگ جا ٽرائل ورتا ويا ان موقعي تي ڊسٽرڪٽ ڪرڪيٽ ايسوسيئيشن جا اڳواڻ فاروق احمد وگهيو بلاول لنڊ، جاويد احمد وگهيو راجا الطاف عباسي ۽ ٻين ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته اسين وزير اعظم پاڪستان ميان شهباز شريف جا ٿورائتا آهيون جنهن علائقي ۾ ڪرڪيٽ لاءِ نوجوانن کي دنيا ليول تي ڪرڪيٽ کيڏڻ لاءِ تيار ڪرڻ جو موقعو فراهم ڪيو آهي، هن چيو ته عمران خان حڪومت علائقي ڪرڪيٽ جي 2014 واري قانون کي معطل ڪيو هو نوجوان جي ڪرڪيٽ ۾ دلچسپي سان ٿي بهراڙي سان تعلق رکندڙ ڪرڪيٽر ملڪي راند جو حصو بڻجن ٿا.

بقايا | سنڌيار | 14

اٿارٽي ٽيلي سائيڪاٽري ڪلينڪ جو افتتاح ڪري چڪو مملڪتي وزير ڊاڪٽر مهيش ملاڻي ۽ سنڌ مينٽل هيلٿ اٿارٽي جي چيئرمين ڊاڪٽر ڪريم خواجه ٿر فائونڊيشن اسپتال اسلام ڪوٽ ۾ ٽيلي سائيڪاٽري ڪلينڪ جو افتتاح ڪيو ان موقعي تي ڳالهائيندي مملڪتي وزير ڊاڪٽر مهيش ملاڻي چيو ته ٽيلي سائيڪاٽري ڪلينڪ جي شروعات تمام اهم اڳڀرائي آهي، سنڌ مينٽل هيلٿ اٿارٽي جي پليٽ فارم تان مجموعي طور پوري صوبي ۾ جڏهن ته خاص طور تي ٿرپارڪر ۾ بهترين ڪم ٿي رهيو آهي، جنهن تي ڊاڪٽر ڪريم خواجه جس لهڻي، هن چيو ته ٽيلي سائيڪاٽري ڪلينڪ جي شروعات يونين ڪائونسل سطح تان ڪئي وڃي ۽ اسلام ڪوٽ تعلقي جي 9 ئي يونين ڪائونسلز ۾ ڪيمپون لڳايون وڃن، هن وڌيڪ چيو ته ڪوشش ٿيڻ گهرجي ته سنڌ مينٽل هيلٿ اٿارٽي، ٿر فائونڊيشن ۽ انڊس اسپتال سان گڏجي نفسياتي بيمارين جي ماهر ڊاڪٽر کي مستقل بنياد تي مقرر ڪيو وڃي، تقريب کي خطاب ۾ چيئرمين سنڌ مينٽل هيلٿ اٿارٽي ڪريم خواجه چيو ته هي سفر ٿر فائونڊيشن سان گڏجي 2019 ۾ شروع ٿيو ڏکڻ ايشيا ۾ آپگهات ڪندڙن جو نفسياتي پوسٽ مارٽم ڪٿي به ناهي ٿيو، اهو پهريون ڀيرو ٿرپارڪر ضلعي ۾ ٿي رهيو آهي، ذهني مريضن جو نفسياتي پوسٽ مارٽم ڪرڻ واري عمل ۾ ٿر فائونڊيشن ۽ ٻين ادارن جو ڀرپور سهڪار رهيو آهي، ٿر فائونڊيشن ۽ صحت کاتي ٿرپارڪر جي سهڪار سان 200 کان وڌيڪ صحت واري عملي جي تربيت ڪرائي وئي آهي، جنهن ۾ ڊاڪٽرز ۽ ليڊي هيلٿ ورڪرز پڻ شامل آهن. ٽيلي سائيڪاٽري ڪلينڪ شروع ڪرڻ سان ٿرپارڪر جي ماڻهن کي ڪراچي ۽ حيدرآباد وڃڻ جي ضرورت نه پوندي، نفسيات جا ماهر ڊاڪٽر ٽيلي ڪلينڪ ذريعي مريضن جو علاج ڪري سگهندا، ٽيلي سائيڪاٽري ڪلينڪ سان ٿر جي ماڻهن کي تمام گهڻو فائدو ٿيندو، ٽيلي سائيڪاٽري ڪلينڪ تان ريفر ٿيل مريضن کي ڪراچي ۾ سر ڪائوسجي انسٽيٽيوٽ ۾ داخل ڪيو ويندو ان موقعي تي ڳالهائيندي سنڌ اينگرو ڪول مائيننگ ڪمپني جي وائيس پريزيڊنٽ اظهر ملڪ چيو ته پاڪستان ۾ پهريون ڀيرو ٽيلي سائيڪاٽري ڪلينڪ جي شروعات ڪئي پئي وڃي، جيڪو انتهائي اهم قدم آهي، جنهن جو ڪريڊٽ ڊاڪٽر ڪريم خواجه ڏانهن وڃي ٿو ٿرپارڪر ۾ ذهني مرضن جي علاج لاءِ ٿر فائونڊيشن جو سنڌ مينٽل هيلٿ اٿارٽي سان مڪمل سهڪار جاري رهندو، جنرل مئنيجر ٿر فائونڊيشن فرحان انصاري آجيائي دوران خطاب ڪيو ۽ چيو ته ٿرپارڪر ۾ ذهني صحت جي مسئلن ۾ مبتلا مريضن جي پريشانين کي ڏسندي سنڌ مينٽل هيلٿ اٿارٽي کي ڀرپور سهڪار فراهم ڪيو ويو ته جيئن ذهني مرضن جو علاج يقيني بڻائي سگهجي تقريب دوران مملڪتي وزير ڊاڪٽر مهيش ڪمار ملاڻي ،ڊاڪٽر ڪريم خواجه، وائيس پريزيڊنٽ سنڌ اينگرو ڪول مائننگ ڪمپني اظهر ملڪ، سشيل ملاڻي ۽ ٻين ٿر فائونڊيشن جي ٽيم، صحت کاتي جي لاڳاپيل ملازمن، ليڊي هيلٿ ورڪرز ۾ مڃتا سرٽيفڪيٽس پڻ ورهايا تقريب کي ڊسٽرڪٽ هيلٿ آفيسر ڊاڪٽر هرچند راءِ ۽ ڊاڪٽر شنڪر وانڪواڻي پڻ خطاب ڪيو تقريب ۾ سشيل ملاڻي، گهنشام داس، ڊاڪٽر شنڪر وانڪواڻي، ڪلديپ پارواڻي، جنرل مئنيجر سنڌ اينگرو ڪول مائننگ ڪمپني فياض سومرو، ڊاڪٽر اشوڪ بختاڻي، جنيد انصاري ،مبشر سومرو، فياض شيخ، يعقوب بابر، ڪامران شيخ، هرجي لال، رشنا ضمير، عبدالحميد مهيري، احسن سرهندي، ٿر فائونڊيشن اسپتال جي عملي، ڊاڪٽرز ۽ وڏي انگ ۾ ليڊي هيلٿ ورڪرز سميت ٻين پڻ شرڪت ڪئي

بقايا | سنڌيار | 15

عباس پنهور ۽ ٻين احتجاج ڪندي ڏانهيو ته 6 مئي تي ناتال ختم ٿيڻ باوجود دادو ڪئنال ۾ اڃا تائين پاڻي نه پهتو آهي، پاڻي نه پهچڻ سبب وڻن، سارين، جنتر سميت مختلف سبزيون سڙي سڪڻ لڳيون آهن هنن چيو ته چوپايو مال کي به پيئڻ جو پاڻي نه پيو ملي، 6 مئي تي دادو ڪئنال ۾ پاڻي اچڻو هو پاڻي جي آسري تي فصل پوکي ڇڏيو آهي پاڻي اڃا تائين نه آيو آهي جنهن سبب فصل سڙي ۽ سُڪي رهيو آهي هنن چيو ته ايريگيشن عملي جي مجرماڻي غفلت سبب لکين روپين جو نقصان ٿي رهيو آهي ٻوڏ ۽ برساتن سبب دادو ضلعي جا آبادگار اڳ ئي مالي بحران جو شڪار آهن هنن وس وارن ڪان مطالبو ڪيو ته جلد زرعي پاڻي جي فراهمي ڪري آبادگارن جو معاشي قتل بند ڪيو وڃي.

بقايا | سنڌيار | 16

سب ڊويزن نئون ڪوٽ بلاول بليدي سياسي ونگار وهندي پوليس جي مدد سان اسان جو 50 سالن کان هلندڙ سرڪاري واٽر ڪورس بند ڪرائي ڇڏيو آهي، آبپاشي عملو واٽر ڪورس بند ڪرائي اسان جا پوکيل فصل سڪائڻ جي سازش ڪري رهيو آهي، هنن چيو ته سب ڊويزن نئون ڪوٽ جي رڻ شاخ تي جيڪي غيرقانوني واٽر ڪورس هلي رهيا آهن انهن خلاف آبپاشي عملو ڪارروائي نٿو ڪري اسان کان سياسي انتقام ورتو پيو وڃي، هنن چيو ته آبپاشي عملي نه رکو اسان جا واٽر ڪورس بند ڪيا آهن پر پيئڻ جو پاڻي ۽ گهرن کان ٻاهر نڪرڻ جا گس به بند ڪري ڇڏيا آهن هنن چتاءُ ڏنو آهي ته 24 ڪلاڪ ۾ اسانجو مسئلو حل نه ٿيو ته ٻئي صورت ۾ 22 ميل موري تي نئون ڪوٽ ملي روڊ تي ڌرڻو هنيو ويندو

بقايا | سنڌيار | 17

جي اواڻي ۾ سوين گاڏين جو قافلو روانا نوشهرو فيروز باءِ پاس تي جمعيت علماء اسلام جي ضلعي اڳواڻ مولانا عبدالرحمان ڏنگراڄ جي اڳواڻيءَ ۾ سندس شاندار استقبال ان موقعي تي مولانا راشدمحمودسومرو ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته ملڪ دشمن قوم دشمن ماڻهو تحريڪ انصاف جي اڳواڻ عمران خان نيازي سموري ملڪ کي يرغمال ڪري ملڪ کي ڪنگال ڪري ڇڏيو آهو آمريڪا جي چوڻ تي فوج تي حملا قومي اساسن تي حملا جي ايڇ ڪيو تي حملو ڪري يهودي لابي کي راضي ڪري فوج کي ڪمزور ڪري انهن جي راهه هموار ڪرڻ چاهي جج صحبان ان جي ونگار وهندي عربي روپيا ملڪ جو خزانو لٽيندڙ کي باعزت بري ڪري 15 ڏينهن هن تي ڪوبه ڪيس نه ڪرڻ جو جج آزاد ڪيو ۽ هن کي چيو ته توهان کي ڏسي ڏاڍي خوشي ٿي آهي هي ڪهڙي قسم جا جج آهن جو ملڪ جي ڪرپٽ ترين ملڪ دشمن ماڻهو پلو ٿي اسان ان شا الله تعالي جمعيت علماء اسلام ملڪ ۽ فوج جي حفاظت ڪندي سپائي وارو احتجاج توهان کي رزلٽ ڏيندو لکين ماڻهو سپائي سپريم ڪورٽ اڳيان گڏ ٿي ثابت ڪنداسين ته ملڪ دشمن فوج دشمنن کي ملڪ سان کيڏڻ جي اجازت نه ڏينداسين ان موقعي تي ضلعي اڳواڻ مولانا عبدالرحمان ڏنگراڄ ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته اسان پنهنجي قائد مولانا فضل الرحمان جي سڏ تي اسلام وجهي ملڪ دشمنن کي ميسيج ڏينداسين ته اسان ملڪ مٿان ڪنهن به دشمن کي وار ڪرڻ جي اجازت ن ڏينداسين اسان نوشهرو فيروز مان 5 بسن ۽ 5 ٻوم وينن جو قافلو سپائي واري تاريخي احتجاج ۾ وڃو پيا ان شا الله فتح ٿيندي ملڪ دشمنن کي دفن ڪري پوءِ موٽنداسين

بقايا | سنڌيار | 18

اهلڪار جي جنازه نماز غوثپور ٽائون ڪاميٽي جي گرائونڊ ۾ ادا ڪئي ويئي. جنازه نماز ۾ پوليس جي اعزاز سان ڪيس سلامي ڏني وئي. جنازه نماز ۾ ڊي ايس پي ڪنڌڪوٽ عبدالرشيد منگي ۽ ايس ايڇ او غوثپور اختيار ناريجو پنهنجي ٽيم سان ادا ڪئي. جنازه نماز ۾ رينجرز ڪئپٽن ضاءِ اعوان غوثپور اسپتال جو ايم ايس ڊاڪٽر سيد اعجاز احمد شا جيلاني ۽ سول سوسائٽي، شهرين، صحافين سوين انگ ۾ شرڪت ڪئي. شهيد اهلڪار کي جناز نماز ڪانپوءِ شهر جي مقامي قبرستان ۾ سوين آلين اکين ۽ سڏڪن سان مٽيءَ ماءُ حوالي ڪيو ويو ان موقعي تي پيپلزپارٽي ايم پي اي چيف سردار مير غلام عابد خان سندراڻي صاحب پهچي تعزيت ڪئي سول سوسائٽي، شهرين، صحافين شهيد جي مغفرت لاءِ تڏي تي دعائون گهريون

بقايا | سنڌيار | 19

ڌرڻو هنيو ويو ڌرڻي کي خطاب ڪندي ضلعي اڳواڻ جمن سمون : ستي صدر قاسم خاصخيلي : شوڪت ڪولاچي ۽ ٻين چيو ته ايس ايڇ او بي سيڪشن زاهد شاهه پاران بيگناهه گرفتار ڪيل ماڻهن کان ڳري رشوت وٺي پوءِ ڪين آزاد ڪري ٿو ۽ عوام کي مختلف بهانن سان ٿاڻي تي گهرائي تنگ ڪيو ٿو وڃي هنن وڌيڪ چيو ته ايس ايڇ او بي سيڪشن کي فوري طور هٽائي ڪنهن ايماندار آفيسر کي مقرر ڪيو وڃي ٻي صورت ۾ سنڌ ترقي پسند پارٽي پاران سڄي ضلعي اندر سخت احتجاجي مظاهرا ڪيا ويندا

بقايا | سنڌيار | 20

ڪئي ويا آهن جڏهن ته ساڳين ماڻهن ڪجهه ڏينهن اڳ ڪوڙي ڪيس ۾ اسان جي بي گناهه ماڻهن عشق علي سهتو ۽ صدام سهتو کي گرفتار ڪرائي جيل موڪلي ڇڏيو آهي جڏهن ته حد جي پوليس سپر سائيٽ ٿاڻو جوابدارن سان مليل آهي شڪايتن باوجود ڪو به انصاف نه ٿو ملي قبضا مافيا هاڻ به اسان جي ذاتي گهر تي هٿيارن سان ويٺل آهي جيڪي وڌيڪ موتمار ڌمڪيون ڏئي رهيا آهن ۽ ڪنهن به وقت جاني نقصان پهچائي سگهن ٿا اسين اي آئي جي سنڌ، ڊي آئي جي اوپر زون ۽ ايس ايس پي اوپر کي اپيل ڪريون ٿا ته قبضو ۽ حملو ڪندڙ جوابدارن کي فوري گرفتار ڪري تحفظ ۽ انصاف ڏنو وڃي ٻي صورت ۾ سخت احتجاج ڪيو ويندو

بقايا | سنڌيار | 21

ڏينهن جي رمانڊ تي پوليس حوالي ڪري ڇڏيو.ان ڏس ۾ سکر پوليس گذريل ڏينهن سيڪيورٽي ادارن جي مدد سان صالح پٽ واري علائقي مان جوابدار کي گرفتار ڪيو هو ، جوابدار جي قبضي مان هٿيار ۽ آر ڊي ايڪس هٿ ڪيا هئا

بقايا | سنڌيار | 22

ڪرڻ جو مطالبو. استاد ڳري رشوت عيوض حيدرآباد ۽ ڀرپاسي پوسٽنگ وٺڻ تي مجبور، ٽرانسفر پوسٽنگ پاليسي ٺاهي ڪاليجي استادن کي ويجهو وارين ڪاليجن ۾ مقرر ڪرڻ جو مطالبو. ڊي پي ايز ۽ لائبريرين کي فورٽيئر ريشو ۾ رڪاوٽ وجهڻ تي سخت خدشا، استادن جي ترقين لاءِ پنج نقاطي فارمولا ۽ ٽيچنگ الائونس ڏيڻ جي گهر. بائيوميٽرڪ حاضري جي آڙ ۾ ڪاليجي استادن کي بليڪ ميل ۽ حراسان ڪرڻ خلاف سنڌ جي ڪاليجن ۾ چيڪ آئوٽ جي بائيڪاٽ جو فيصلو. استاد بائيوميٽرڪ ذريعي چيڪ آئوٽ نه ڪن، استادن کي جبري رليو ڪيو ويو ته ان ڊائريڪٽوريٽ آفيس آڏو احتجاجي مظاهرو ۽ ڌرڻو لڳايو ويندو سپلا اڳواڻ تفصيل موجب سنڌ پروفيسرز اينڊ ليڪچرارز ايسوسيئيشن (سپلا) جي مرڪزي اڳواڻن مرڪزي سيڪريٽري جنرل پروفيسر شاهجهان پنهور، وائيس صدر پروفيسر نجيب خان لوڏي، ايڊيشنل سيڪريٽري پروفيسر سيد جڙيل شاهه، جوائنٽ سيڪريٽري خرم رفيع، ليڊي جوائنٽ سيڪريٽري پروفيسر حميده ميربحر، پريس ترجمان پروفيسر سعيد احمد ابڙو، پروفيسر عبدالحليم درس، پروفيسر نور محمد درس، پروفيسر سلمان عادل صديقي، پروفيسر عدنان قريشي، پروفيسر اسلم ڪوسو، پروفيسر تسير عباس ۽ ٻين پنهنجي پريس بيان ۾ چيو آهي ته تعليم جو وزير سنڌ جي ڪاليجي استادن جي نمائنده تنظيم سپلا سان ملڻ لاءِ تيار نه آهي. سنڌس جي اهميت صرف اسڪول تعليم کاتي، ڪلچر ۽ ٻين ڪمن تي مرڪوز آهي جنهن سبب ڪاليج کاتي جا معاملا سنڌس جا ملازم هلائي رهيا آهن. ان لاءِ ڪاليج کاتي کي الڳ کاتو ناهي ان جو ڪو سيڪريٽري ۽ اهل وزير مقرر ڪيو وڃي. ٻي صورت ۾ استادن جي مسئلن سميت سنڌ جا ڪاليج تباهه ۽ شاگردن جي تعليم پڻ متاثر ٿي رهي آهي. سپلا اڳواڻن موجب ڪاليج کاتي ۾ تازو گريڊ گريڊ 17 کان گريڊ 18 ۾ اسسٽنٽ پروفيسرز ۽ گريڊ 19 ۾ پروموٽ ٿيندڙ ميل ۽ فيميل ايسوسيئيٽ پروفيسرزن جي سندن رهائش کان ڏورانهن علائقن ۾ ٿيل مقررين کي رد ڪيون ٿا. جڏهن ته حيدرآباد جي 25 استادن کي بلاجواز ايڪسپلينيشن ڏيڻ کي غيرقانوني قرار ڏيندي ان عمل جي سخت مذمت ڪجي ٿي. استادن جي مقررين ۽ پوسٽنگ تي ڳري رشوت عيوض حيدرآباد ۽ ڀرپاسي پوسٽنگ ڏيڻ تي سخت اعتراض ۽ خدشا آهن. سپلا اڳواڻن موجب ڪاليج ايجوڪيشن کاتي ۾ انڌير نگري وارو راڄ هلي رهيو آهي. ڳري رشوت طلب ڪري استادن کي حيدرآباد ۽ ڀرپاسي جي ڪاليجن ۾ پوسٽنگ ڏني وڃي ٿي جنهن سبب 150 کان مٿي استاد پريشان آهن. سپلا پاران اهڙي عمل جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪندي چيو آهي ته کاتي ۾ رشوت جو بازار گرم لڳو پيو آهي. ڪاليجي استادن کان اين او سي، هر قسم جي موڪل، الائونس ۽ ٻين جائز ڪمن تي پڻ رشوت طلب ڪئي وڃي ٿي. جنهن سبب ڪاليجي استاد وڏو عذاب ڀوڳي رهيا آهن ۽ ڏورانهن علائقن ڏانهن بدلين ۽ مقررين سبب وڏي اضطراب مان گذري رهيا آهن. ان لاءِ ڪاليج کاتي جي عملدارن کان ان حوالي سان مستقل پاليسي جوڙڻ ۽ ڪاليجي استادن جي پريشاني ختم ڪرڻ جو مطالبو ڪجي ٿو ان حوالي سان اڄ سومر ڏهاڙي صبح ڏهين وڳي حيدرآباد پريس ڪانفرنس ۾ احتجاجي مظاهرو ۽ علامتي بک هڙتال ڪئي ويندي. جڏهن ته بائيوميٽرڪ حاضري جي آڙ ۾ ڪاليجي استادن کي بليڪ ميل ۽ حراسان ڪرڻ خلاف سنڌ جي ڪاليجن ۾ آئوٽ گوئنگ / چيڪ آئوٽ جي بائيڪاٽ جو فيصلو ڪيو ويو آهي. جڏهن ته اڄ کان ڪاليجي استادن کان بائيوميٽرڪ ذريعي چيڪ آئوٽ نه ڪرڻ جو مطالبو پڻ ڪيو ويو، ٻئي طرف تازو ڪاليج کاتي پاران ملازمن کان حساس معلومات ڏيڻ واري فيصلي کي رد ڪندي پروفارم ڀري نه ڏيڻ جو فيصلو پڻ ڪيو ويو سپلا اڳواڻن ڪاليجي استادن کي وقت سر پروموشن لاءِ ڪي پي ڪي صوبي جي طرز تي فائيو ٽيئر (پنج درجاتي فارمولا) ڏيڻ جي پڻ گهر ڪئي آهي. جنهن سان ڪاليجي استادن جي ترقين ۾ وقت سر پروموشن ٿي سگهندا. ڊي پي ايز ۽ لائبريرين کي فورٽيئر ريشو ۾ رڪاوٽ وجهڻ تي پڻ سخت خدشا ڏيکاريا ويا. ٻئي طرف اسڪول کاتي جي استادن کي ٽيچنگ الائونس ۽ سنڌ جي ڊاڪٽرن کي پروفيشنل الائونس ملي رهيا آهن پر سنڌ جا ڪاليجي استادن ان کان محروم آهن ان لاءِ ڪاليجي استادن کي پڻ ٽيچنگ الائونس ڏنو وڃي. جڏهن ته سنڌ جي لائبريرين ۽ ڊي پي ايز کي پڻ پروموشن لاءِ فورٽيئر اسٽرڪچر ڏيڻ واري سمري لاڳاپيل ادارن ڏانهن موڪلي منظور ڪئي وڃي ته جيئن سندن جي محرومي ختم ٿي سگهي. ان کان علاوه سموريون سينارٽي لسٽون جلد جاري ڪيون وڃن. جڏهن ته سپلا اڳواڻن پاران ڪاليجن مان استادن جي ڪوٽ پوري ڪرڻ لاءِ استادن جي ڀرتين واري عمل کي تڪڙو مڪمل ڪرڻ ۽ سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن ذريعي ڪامياب اميدوارن کي ليڪچرارن جي جوائننگ ۽ پوسٽنگ جلد جاري ڪئي وڃي. ان سان گڏ ڪاليجن ۾ فرنيچر ۽ سائنسي سامان پڻ مهيا ڪيو وڃي. ان کان علاوه اهو پڻ فيصلو ڪيو ويو ته اگر استادن کي جبري رليو ڪيو ويو ته ان ڊائريڪٽوريٽ آفيس آڏو احتجاجي مظاهرو ۽ ڌرڻو لڳايو ويندو

بقايا | سنڌيار | 23

اسانجي هن بلڊ بئنڪ ۾ ڪينسر، ٿيليسيميا، ڊائلاسز ۽ ڊليوري وارين عورتن کي 24 ڪلاڪ رت جي سهولت ملي رهي آهي انهن مريضن کي مفت رت فراهم ڪري رهيا آهيون اڳواڻن چيو ته اسان وٽ رت جو عطيو ڏيڻ جو هڪ طريقو آهي ۽ ان جي عمر جي هڪ حد آهي. جنهن ۾ ٽيسٽون پڻ مفت ڪري رهيا آهيون اڳواڻن چيو ته جلد سڄي ضلعي جي اندر رابطه مهم هلائي غريب مريضن لاءِ رت جو عطيو گڏ ڪنداسين ته جيئن انهن کي مشڪل وقت مان ڪڍي رت جو عطيو ڏئي سگهون

بقايا | سنڌيار | 24

رهي آهي ميرٽ جي بنياد تي يونيورسٽي ۾ پروموشن نٿا ڪيا وڃن ميرٽ جي لتاڙ ڪئي پئي وڃي سموري معامري ۾ رجسٽرار گريڊ 17,18,19 جي لاءِ پنهنجا من پسند ۽ مائٽن کي پروموشن واري لسٽ ۾ انهن جا نالا شامل ڪيا ويا آهن جيڪي غيرقانوني آهن هنن چيو ته يونيورسٽي جي رجسٽرار لاءِ الڳ قانون آهي ۽ اسان لاءِ الڳ قانون آهي قانون ڌار ڌار آهي روزانو اسان جو ادارو اخبارن جي زينت بڻيل آهي صرف رجسٽرار جي غلط پاليسين جي ڪري هنن چيو ته اسين خوشي سان هٿي ناهيون آيا صرف ان جي ناانصافين هٿي آندو آهي هو غلط ماڻهن کي غير قانوني پروموشن ڏئي پيو جيڪو اسان سان ظلم آهي هن قانون جون ڌڄيون اڏاري ڇڏيون آهن هنن چيو ت اعلا اختياريون نوٽيس وٺن خدا جي واسطي انصاف ڪيو وڃي ڪنهن ب ماڻهون سان ناانصافي نه ٿي اسان ناانصافي جا قائل ناهيون اگر من پسندن کي پروموشن ڏنا ويا ت يونيورسٽي ڪڏهن به نه هلندي يونيورسٽي اندر ڪجه بليڪ ميل ڪري رهيا آهن ميرٽ تي ايندڙ ماڻهن کي تسليم ڪرڻ لاءِ تيار ناهين هنن چيو ته اسانوي سي سان رابطو ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي پر رابطو ن ڪيو ويو پر اسانکي ڪو تسلي بخش جواب ناهين ڏنو ويو رجسٽرار کي فوري طور ن هٽايو ويو ته تحريڪ هلائينداسون اڄ کان يونيورسٽي ۾ ڪم ڇڏ هڙتال ڪئي ويندي

بقايا | سنڌيار | 25

ٿئي. شايد انجو قصور اهو آهي جو سنڌس ڊوميسائل پنجاب جو ڪونهي. حڪومت طرفان سيلاب جي نالي تي پرڏيهه مان اربين ڊالر امداد وٺڻ جي باوجود اڄ به ٻوڏ جا ستايل بي يارو مددگار جي زندگي گذاري رهيا آهن جيڪا افسوس ناڪ ۽ حڪومتي بي حسي جي انتها آهي. جماعت اسلامي حڪومت ۾ نه هجڻ جي باوجود پرمحدود وسيلن تحت پنهنجي ٻوڏ متاثريائرن جي مدد جاري رکيون پئي اچي. ريسڪيو ۽ ريليف کان پوءِ ننڍن آبادگارن کي ٻج پاڻ توڙي مرض مار دوائون ڏيڻ کان پوءِ متاثرن جي گهرن جي اڏاوت جو سلسلو جاري آهي. اهڙن خيالن جو اظهار هن جوهي ۾ شموليتي جلسي سميت دادو کي اين شاهه ۽ ميهڙ ۾ رٿيل ميڙاڪن کي خطاب دوران ڪيو هن ڪان اڳ ۾ جوهي پهچڻ تي جماعت اسلامي سنڌ جي امير جو مقامي اڳواڻ سڪندر علي پتو جي اڳواڻي ۾ چنڊڻ موري کان جوهي ڪاليج پنڊال تائين شاندار استقبال نعره تڪبيرالله اڪبر جي نعرن جي گونج ۾ جلسي گاهه تائين پهچايو ويو هن چيو ته جماعت اسلامي وٽ ڪا به حڪومت ناهي حڪومت نه هجڻ باوجود به لکين متاثرين جي ووٽن لاءِ نه پر انسانيت لاءِ خدمت ڪيون ٿا بغير حڪومت جي وڏا ڪم ڪم ڪيا آهن اگر حڪومت ۾ جماعت اسلامي هجي ها ته هڪ به متاثرين نه رهجي ها. جماعت اسلامي موروثيت کان پاڪ ملڪ جي واحد سياسي ديني ۽انقلابي جماعت آهي. ڪراچي کي جماعت اسلامي روشين جو شهر ۾ تبديل ڪري ڏيکاريو پ پ کي سدائين سنڌجي عوام ووٽ ڏئي اسيمبلين تائين پهچايو مگر بدلي ۾ هن عوام جو رت چوسڻ مهانگائي ۽ بدامني کان سواءِ ڪجهه به ناهي ڏنو سنڌ ۾ ڪٿي به تبديلي نظر نٿي اچي. هن عوام کي جماعت اسلامي جو ساٿ ڏيڻ جو زورپريندي چيو ته جماعت اسلامي وڏيرن جي نه بلڪ غريب عوام جي جماعت آهي. اسلامي نظام ۽ ديانتدار قيادت ئي سنڌ سميت ملڪ جي مڙن مسئلن جو حل آهي. جلسي کي ضلعي امير عبدالرحمان مگريو، جنرل سيڪريٽري محمد موسي ٻبر، خيرالدين ٻبر، سڪندر علي پتو ۽ ٻين پڻ جلسي کي خطاب ڪيو #

بقايا | سنڌيار | 26

ڪنول حيدر شاهه مون تي ڪوڙا ڪيس ڪري گهرواري کي قيد ڪري رکيو ويو هو شبير احمد شاهه تفصيل موجب قاضي احمد جي ڳوٺ ڪرم بگهيو واسي پسند جي شادي ڪندڙ جوڙو مسمات ڪنول حيدر شاهه ۽ شبير احمد شاهه تحفظ لاءِ ڀرپاسي پريس ڪلب پهچي ويو ان موقعي تي مسمات ڪنول چيو ته منهنجي پهرين شادي مان هڪ 9 ورهين جو پٽ شاهد علي شاهه آهي جنهن جو والد روڊ حادثي ۾ فوت ٿي ويو هو ۽ مان جون 2020 ۾ شبير شاهه سان شريعت موجب نڪاح ڪيو هو منهنجن مائٽن شبير شاهه کي ڪوڙن ڪيسن ۾ جيل موڪلي ڇڏيو ۽ مون تي سخت تشدد ڪندا رهيا مسمات ڪنول حيدر وڌيڪ چيو ته منهنجو هڪ ڪوڙو نڪاح قربان شاهه سان ڪرايو جيڪو مونکي قبول نه هو هاڻي مان گهران اڪيلي ٽن ڪپڙن ۾ نڪري پنهنجي مڙس شبير شاهه وٽ پهچي وئي آهيان مان به ڏهاڙا اڳ ڪراچي جي عدالت ۾ پنهنجي فري ول ۽ تحفظ لاءِ درخواست به ڏني آهي مونکي خطرو آهي ته منهنجي معصوم پٽ کي منهنجا مائٽ ماري ڇڏيندا منهنجو پي ۽ مائٽ اسان جي جانين جا ويري بڻجي ويا آهن ۽ منهنجي مڙس ۽ هن جي مائٽن خلاف ڪوڙا ڪيس داخل ڪرائڻ چاهن ٿا. ان موقعي تي شبير احمد شاهه چيو ته اسان 3 سال اڳ رضا خوشي سان نڪاح ڪيو هو ۽ منهنجي گهر واري ڪنول حيدر کي سندس مائٽ ڇهن مهينن کانپوءِ پاڻ وٽ ٻين گهر ڀاتين سان ملائڻ لاءِ وٺي وڃي قيد ڪري ڇڏيو ۽ مونکي ڪوڙن ڪيسن ۾ ڦاسائي جيل موڪلرائي ڇڏيو. هنن چيو ته اسان شريعت محمدي موجب نڪاح ڪيو آهي .اسان جا مائٽ موتمار ۽ ڪوڙن ڪيسن ۾ ڦاسائڻ جون ڌمڪيون ڏيئي رهيا جن مان اسان کي سخت خطرو آهي هنن ايس ايس پي ۽ ڊي آءِ جي شهيد بينظيرآباد سميت اعلي اختيارين کي تحفظ ڏيارڻ جي گهر ڪئي آهي.

بقايا | سنڌيار | 27

ڪيون ٿا ۽ مطالبو ڪيون ٿا ته استادن مٿان قاتلانو حملو ڪندڙ دهشتگردن کي جلد گرفتار ڪري قانون جي ڪٽهڙي ۾ آندو وڃي ۽ استادن مٿان داخل ڪيل ڪوڙي FIRختم ڪئي وڃي، زندگي ڊولپمينٽ آرگنائيزيشن جي چيئرمين محمد بخش ڪورائي چيو ته افسوس جي ڳالهه آهي ته استادن مٿان تربزري آفيس جي عملي سرعام فائرنگ ڪري دهشتگردي جو مظاهرو ڪيو آهي .سوشل ميڊيا تي وائرل ٿيندڙ وڊيو ۾ فائرنگ ڪندڙ صاف نظر اچي رهيا آهن جنهن جڳهه تي فائرنگ ڪئي وئي آهي اهو عدالت سڪوري جو دروازو آهي ۽ جج صاحبان جون رهائش گاهون پڻ آهن اهڙي حساس علائقي ۾ سرعام آٽوميٽڪ هٿيارن جي نمائش ڪري فائرنگ ڪئي وئي آهي ۽ علائقي ۾ خوف و حراس ڦهلايو ويو آهي پر افسوس سان چوڻو ٿو پئي ته دادو پوليس بغير ڪنهن انڪوائري ۽ CCTV فوٽيجز ڏسڻ کان سواءِ الٽو استادن مٿان ڪوڙي FIRداخل ڪئي وئي آهي، اسين اعليٰ اختيارين کان مطالبو ٿا ڪيون ته اڻ ڌري جاچ ڪرائي ملوث جوابدارن خلاف دهشتگردي جي FIRداخل ڪري سخت کان سخت سزا ڏني وڃي مظاهرين ۾ سول سوسائٽي دادو جي ذميوارن شڪيل ابڙو، وحيد سولنگي، منير احمد، محمد ياسين، مرتضيٰ علي سولنگي، ساحل باهوٽو، مور چند، عبدالستار بروهي، عمران جمالي، جبران خان، محبوب اوڊ، گلشن اوڊ، ۽ ٻين پرزور مطالبو ڪيو ته استادن مٿان قاتلانه حملي جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪيون ٿا ۽ اهو مطالبو ڪيون ٿا ته شفاف جاچ ڪئي وڃي جيئن سرعام استادن مٿان فائرنگ ڪري گوليون وهائيندڙ شرپسند ماڻهو قانون جي گرفت ۾ اچن

بقايا | سنڌيار | 28

اعلان ڪيو ويو اجلاس ۾ جسقم گهوٽڪي جي سينيئر اڳواڻ ايڊووڪيٽ عبدالمجيد ميربحر ميرحسن لاشاري امتياز پتو سردار شهريار مرٽاس، خليل احمد گلانو ممتاز فاروقي، مير حمز دايو محب آزاد ميربحر، بخت خان مرٽاس سجاد ملڪ رحيم ديشي شاهد لغاري اظهر ڪاجون ۽ ٻين شرڪت ڪئي. اجلاس ۾ جسقم کي سموري ضلع ۾ مظبوط ڪرڻ لاءِ ميرپورماٿيلو تعلقي لاءِ ٽي رڪني آرگنائيزنگ ڪاميٽي ايڊووڪيٽ نديم ملاڻو ثناءالله چاچڙ محب آزاد ميربحر، جڏهن ته ڏهرڪي تعلقہ لاءِ آرگنائيزنگ باڊي امتياز پتو ميرحسن لاشاري، جاويد ديشي خان ڏهر، شاهد لغاري کي مقرر ڪيو ويو آهي. اجلاس کي خطاب ڪندي جسقم ضلع صدر فقير رمضان ڪلوڙ مير حسن لاشاري ايڊووڪيٽ عبدالمجيد ميربحر، امتياز پتو شهريار خان مرٽاس ۽ ٻين چيو ته سنڌ هن وقت ڏکئي دور ۾ گذري رهي آهي ۽ چئني طرفن کان سنڌ کي خطرا آهن ان ڪري سنڌي ماڻهو پاڻ ۾ ٻڌي ڪن. هنن چيو ته پنجاب ڏنڊي جي زور تي سنڌو درياهه مٿان غير قانوني قبضو ڪري ڪئنال وهائي رهيو آهي جنهن سبب پنجاب جي هڪ ڪروڙ زرعي زمين آباد ٿي آهي جڏهن ته سنڌ جي صرف 40 لک ايڪڙ زرعي زمين آباد ٿي آهي. پاڻي سنڌ جو جيا پو آهي پاڻي خاطر پنجاب سان جنگ ڪنداسين هنن وڌيڪ چيو ته سنڌي ماڻهن جي مسئلن جو حل صرف سائين جي ايم سيد جي فڪر عدم تشدد ۾ ئي آهي. سنڌ جي حقن لاءِ شهيد بشير خان قريشي تاريخي جدوجهد ڪئي آهي سنڌس ڇڏيل مشن کي پايا تڪميل تائين پهچائڻ لاءِ رت جي آخري ڦڙي تائين جدوجهد جاري رکي ويندي. هنن چيو ته 10 جون تي سنڌ ۾ ڌاري آبادڪاري ۽ سنڌ جي پاڻي تي پنجاب جي قبضي خلاف سنڌ پنجاب بارڊر ڪمون شهيد کان اوباوڙو تائين پيادل مارچ ڪيو ويندو مارچ ۾ سياسي سماجي تنظيمن جي اڳواڻن قومي ڪارڪنن کي شرڪت جي دعوت ڏجي ٿي

بقايا | سنڌيار | 29

رحيم بخش سهتو . فوجي سعيدالله سهتو، سنجر سهتو . اويس سهتو ۽ ٻين منهنجي گهر تي هٿيارن . ڪهاڙين سان حملو ڪري منهنجي گهر واري مسمات ثمرين سهتو ، منهنجي نياڻي انساء . مسباح . بشريٰ ۽ پٽ محمد سهتو کي سخت مارڪٽ جو نشانو بڻائيندي تشدد ڪيو . جنهن ۾ منهنجي گهر واري کي وڌيڪ ڌڪ لڳڻ ڪري سول اسپتال جي ڊاڪٽرن ڪيس سول اسپتال حيدرآباد ۾ داخل ڪرڻ لاءِ ليٽر ڏنو آهي . هن وڌيڪ چيو ته بي سيڪشن ٿاڻي جي پوليس وٽ 6 ڀيرا اڳ به مون مذڪوره حملي آورن خلاف لکت ۾ درخواستون ڏنيون آهن پر پوليس ڪا به ڪاروائي نه پئي ڪري . پوليس مذڪوره حملي آورن کان رشوت وٺي جوابدارن خلاف ڪا به ڪاروائي نه ڪري رهي آهي . هن اعلئ اختيارين کان حملي آورن جي فوري گرفتاري جو مطالبو ڪندي تحفظ فراهم ڪرڻ جي اپيل ڪئي آهي .

بقايا | سنڌيار | 30

جو ڪليدي ڪردار آهي هن چيو مردم شماري هڪ قومي فريضو آهي جنهن کي خوش اصلوبي سان سرانجام ڏيڻ ضلعي انتظاميه سميت سمورن کاتن جي ذميواري آهي هن واسطيدار عملدار ،سپروائيزرن ۽ آدمشماري ڪندڙن کي هدايت ڪئي ته جن علائقن ۾ ڪٽپ ٿي آهي انهن علائقن جو ٻيهر دورو ڪري ذميواري سان ڪور ڪيو وڃي ته جيئن ڪوبه گهراڻو ۽ خاندان مردم شماري جي اندراج کان رهجي نه وڃي اسسٽنٽ ڪمشنر سمورن واسطيدار عملدارن ۽ عملي کي هدايت ڪئي ته هو فيلڊ ۾ موجود رهي علائقي جي معززين ۽ ماڻهن ۾ مردم شماري جي فائدن بابت آگاهي ۽ شعور پيدا ڪيو وڃي ته جيئن عورتن جو شمار پڻ يقيني بڻائي سگهجي

بقايا | سنڌيار | 31

12 کان مٿي هٿيار بند ساٿين سان سندن زرعي زمين قبضو ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهن ۽ ڪين ڪوڙن ڪيسن ۾ ڦاسائڻ ۽ موت مار ڌمڪين سان گڏ سندن مٿان ظلم ۽ ڏاڍ ڪري رهيا آهن بااثر هدايت الله هڪڙو وارا زبردستي هٿيارن جي زور تي عورتن ۽ مردن مٿان سخت تشدد ڪري سندن هڪ ايڪڙ زرعي زمين سروي نمبر 296 ديه سونڌڻ تي قبضو ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهن جنهن زمين جا دستاويز اسان وٽ موجود آهن هنن وڌيڪ ٻڌايو ته بااثرن خلاف ڀرياٿاڻي ڊي ايس پي ڀريا ايس ايس پي نوشهروفيروز کي پڻ درخواست ڏني آهي پر پوليس هن مهل تائين ڪنهن به بااثر کي گرفتار نه ڪيو آهي هنن سيشن جج نوشهروفيروز ايس ايس پي نوشهروفيروز سميت اعلي اختيارين گهر ڪندي مطالبو ڪيو بااثر قبضا ڪندڙن خلاف قانوني ڪاروائي ڪري ڪين گرفتار ڪري تحفظ ۽ انصاف فراهم ڪيو وڃي

بقايا | سنڌيار | 32

کي جنم ڏينهن جي مبارڪ ۽ نوڪري دورانيو پورو ڪرڻ تي مڃتا ڏيڻ لاءِ وائرليس آفيس ايريگيشن گهوٽڪي ۾ ملهايو ويو جنهن ۾ سياسي سماجي، ادبي، صحافتي، وڪيل، استاد يونين، آپڪا يونين سميت وڏي انگ ۾ ماڻهن جي شرڪت، دهل شرنائين سان آدرڀاءُ، ٽوپي اجرڪ، مالها ۽ پٽڪي جا تحفا به ڏنا ويا هن تقريب ۾ سياسي پ پ پ صوبائي منسٽر جام اڪرام خان ڌاريجو جي پرسنل اسسٽنٽ طالب حسين عباسي ، پ پ پ ايم اين اي سردار محمد بخش خان مهر جي ميڊيا ڪوآرڊينيٽر سڪندر علي سرحدي، سماجي اڳواڻ قمردين، پ ٽ الف اڳواڻ استاد حاڪم علي شيخ، استاد غلام سروي، مزدور يومين ايف ايف سي اينگرو يونين، وطن دوست مزدور فيڊريشن جي غلام سرور عباسي، ادبي شخصيت قاضي محبوب رشيد، سارنگ ڪلادي، منظور احمد خان گهوٽو احسان ڪلادي ، سڪندر مگسي، عبدالحئي پتو، تعليم دان پروفيسر عبدالحفيظ دايو صحافين احسان احمد ڪلوڙ، ساجد علي ڪورائي، نظير احمد لانگاهه جي يو آئي سنڌ جي اڳواڻ خالد محمود، عبدالحفيظ چنو ، شهري اتحاد ۽ سبزي يونين جي صدر نور بخش بروهي ، يوسي سيڪريٽري خادم حسن، ڊسٽرڪٽ ڪائونسل ميمبر غلام النبي ڪلهوڙو، آپڪا گهوٽڪي سنڌ جي عبدالواحد ڪلهوڙو، مشتاق احمد، عبدالاحد فهد ، رياض احمد سيال، لياقت سمائر، ڊائريڪٽر گهوٽڪي سرڪل ڪئنال ايريا واٽر بورڊ گهوٽڪي خورشيد احمد ڪوڪر صاحب، ايگزيڪيوٽو انجنيئر گهوٽڪي ايريگيشن ڊويزن انور علي سومرو صاحب، اسسٽنٽ ايگزيڪيوٽو انجنيئرس محمد هاشم مهر، عبدالوحيد ڪلوڙ، قربان علي ڪلوڙ، عضير احمد پتافي، اليڪشن آفيسر عبدالماجد ڪلهوڙو سميت سمورا اوباوڙو ڪان سکر تائين جي ٽيليفون آپريٽرس، ڪلارڪن ۽ معززين شرڪت ڪئي، ان موقعي تي اڳواڻن ڳالهائيندي چيو ته ڪامريڊ فضل حسين ڪلهوڙو گهڻ رخي شخصيت جو مالڪ آهي جيڪو هنس مک سلي چال چلت جو مالڪ ۽ ملنسار آهي هن پنهنجي نوڪري دوران بغير ڪنهن رنگ، نسل جنس مذهب جي سيني ڪاتيدارن جي مدد ۽ خدمت ڪندو هو هن پنهنجي سموري 42 سال جي نوڪري جي عرصي دوران ڪڏهن به ڪنهن آفيسر خلاف ڪمپلين نه ڪئي، نه ئي ڪڏهن ريگيوليشن ۾ مس مئنيجمينٽ ڪئي هي واحد شخص آهي جنهن پنهنجو پاڻ ايريگيشن کاتي کي ارپي ڇڏيو هو هن جي ڪري ڪاتيدارن کي پاڻي پهچندو آهي جنهن وسيلي سنڌن زمينون آباد ٿينديون هيون رهڪي پوکي زراعت کي هٿي ملندي هئي، اڄ سندن رٽائرمينٽ تي اسان کي خوشي ٿئي ٿي ته اهڙي شاندار نموني سان فيئر ويل پارٽي ۽ جمڻ ڏينهن سيليبريٽ ڪرڻ جي تقريب ۾ ملازم آفيسر ۽ سول سوسائٽي جا ماڻهون ويٺل آهن ۽ پنهنجو پيار محبت جا تحفا گل هار ڪنڌهيون وغيره به ڏئي رهيا آهن اڳواڻن اهو پڻ چيو ته ڪامريڊ صبح جو 5 بجه ڪان اٿي پنجاب صوبي جي ڊيمن دريائن، ندين ڪان ويندي ڪوٽڙي تائين جي سموري دريائن، واهن، ڪئنالن، فيڊرس، شاخن جي گئيجز وٺندو هو ۽ هر هڪ ڏانهن ميسيج به ڪندو هو ان جي هڪڙي خاصيت اها به هئي ته جيڪڏهن ڪير هن کي رات جو2 بجه به ڪال ڪري پاڻي اوور ٽاپ ٿيڻ جو اطلاع ڏيندو هو ته هي ان کي ريسپانس ڏئي راتين جون راتيون ڏينهن جاڳي واهه فيڊر ٽٽڻ کان محفوظ بڻائي پوءِ سک جو ساهه کڻندو هو، هن جي رٽائرمينٽ کان پوءِ شايد ئي ڪو هن جي جڳهه والاري ۽ پڇڙي جي آبادگارن کي پاڻي پهچائي سگهي، آخر ۾ ڪامريڊ فضل ڪلهوڙو ريگيوليشن انچارج ايريگيشن گهوٽڪي ڳالهائيندي چيو ته مون کي فخر آهي ته پنهنجي نوڪري جو دورانيو ڪلندي سماج جي خدمت ڪندي گذاريو آهي جنهن جو ثبوت هن تقريب ۾ شرڪت ڪندڙ آفيسرن ۽ سٽ جي سائي ملازمن ڏنو آهي، آئون مشڪور رهندس آخر ۾ هن هي شعر پڙهي پنهنجي جڳهه ورتي حياتي جا رنگريز مليا چار پل ها سي سجدي ۾ سوئنهن جي ڪپائي وڃون پيا،اسان پنڌ پنهنجو پڄائي وڃون پيا،اوهان ساڻ ناتو نڀائي وڃون پيا ٽڪي جي ڪريا سين ته تنهنجو پرم پچندو،گهڻن جي اکين جو اسين هٽ هٽاسين

بقايا | سنڌيار | 33

سفر جون سهولتون فراهم ڪيون وڃن، اهڙن خيالن جو اظهار جنگشاهي جي سياسي، سماجي، واپاري اڳواڻن ۽ شهرين جنگشاهي ۾ ٿيل ڪڏجائي کي خطاب ڪندي ڪيو . ان موقعي تي سماجي اڳواڻ عبدالقادر شيخ، واپاري برادري جي صدر غلام مصطفيٰ خواجا، رانا محمد اقبال راجپوت، عبدالرئوف بروهي، اظهر جاڪرو، لطيف راڏائي، اشرف جوکيو عاطف پليجو، ياسر قريشي ۽ ٻيا پڻ موجود هئا، اڳواڻن جو چوڻ هو ته موجوده وقت جنگشاهي ريلوي اسٽيشن تي ريل گاڏين جا اسٽاپ نه هئڻ ڪري ضلعي ٺٽي ۽ سجاول جي عوام کي ڏکيائون پيش اچي رهيون آهن جڏهن ته موجوده وقت جنگشاهي ڪوهستان ۾ سي پيڪ، ڪي فور سميت مختلف ڪمپنين جا ميگا پروجيڪٽس هلندڙ آهن جنهن جي ڪري پروجيڪٽ ۾ ڪم ڪندڙ هزارين ملازم جنگشاهي ريلوي اسٽيشن کان ملڪ جي مختلف علائقن ۾ ريل جو سفر ڪن ٿا ۽ ڪيترائي عقيدتمند اڪثر ڪري جنگشاهي ريلوي اسٽيشن تان ملتان سميت ٻين مذهبي زيارتن لاءِ سفر ڪندا آهن جنهن مان ريلوي کي تمام گهڻي آمدني ٿئي ٿي پر بدقسمتي سان جنگشاهي ريلوي اسٽيشن تي ريل گاڏين جا اسٽاپ نه هئڻ ڪري ونڊ پلانٽ ملازمن سميت هتان جي عوام ۽ زيارتن تي ويندڙ عقيدتمندن کي گهڻي پريشاني کي منهن ڏيڻو ٿو پوي ان کان علاوه ڪراچي ۽ حيدرآباد جي مختلف ادارن ۾ نوڪري ڪندڙ ملازمن، مختلف يونيورسٽين ۾ پڙهندڙ شاگردن ۽ شاگرديائين ۽ علاج سانگي ويندڙ مريضن کي پڻ گهڻي پريشان ٿئي ٿي، واپاري اڳواڻن جو وڌيڪ چوڻ هو ته غوث بهاءُ الدين ذڪريا ملتان ايڪسپريس جو گذريل 25 سالن کان جنگشاهي ريلوي اسٽيشن تي مسلسل اسٽاپ آهي پر بدقسمتي سان ڀهرين جون کان هلندڙ غوث بهاءُ الدين ذڪريا ملتان ايڪسپريس جو بلاجواز جنگشاهي ريلوي اسٽيشن تان اسٽاپ ختم ڪري ٺٽي ۽ سجاول ضلعن جي عوام سان سراسر ناانصافي ۽ زيادتي ڪئي وئي آهي، ان موقعي تي اڳواڻن پاران ايم اين اي ٺٽو شمس النساء ميمڻ، ايم اين اي سجاول سيد اياز علي شاهه شيرازي، ڊي ايس ريلوي ڪراچي ۽ پاڪستان ريلوي انتظاميا کان مطالبو ڪندي چيو ته جنگشاهي ريلوي اسٽيشن غوث بهاءُ الدين ذڪريا ملتان ايڪسپريس ۽ علامه اقبال ايڪسپريس جو اسٽاپ فوري طور تي بحال ڪري ضلعي ٺٽي ۽ سجاول جي عوام کي بهتر سفري سهولتون فراهم ڪيون وڃن ٻي صورت ۾ سخت احتجاج ڪيو ويندو

بقايا | سنڌيار | 34

رهي آهي ميرٽ جي بنياد تي يونيورسٽي ۾ پروموشن نٿا ڪيا وڃن ميرٽ جي لتاڙ ڪئي پئي وڃي سموري معامري ۾ رجسٽرار گريڊ 17,18,19 جي لاءِ پنهنجا من پسند ۽ مائٽن کي پروموشن واري لسٽ ۾ انهن جا نالا شامل ڪيا ويا آهن جيڪي غيرقانوني آهن هنن چيو ته يونيورسٽي جي رجسٽرار لاءِ الڳ قانون آهي ۽ اسان لاءِ الڳ قانون آهي قانون ڌار ڌار آهي روزانو اسان جو ادارو اخبارن جي زينت بڻيل آهي صرف رجسٽرار جي غلط پاليسين جي ڪري هنن چيو ته اسين خوشي سان هٿي ناهيون آيا صرف ان جي ناانصافين هٿي آندو آهي هو غلط ماڻهن کي غير قانوني پروموشن ڏئي پيو جيڪو اسان سان ظلم آهي هن قانون جون ڌڄيون اڏاري ڇڏيون آهن هنن چيو ت اعلا اختياريون نوٽيس وٺن خدا جي واسطي انصاف ڪيو وڃي ڪنهن ب ماڻهون سان ناانصافي نه ٿي اسان ناانصافي جا قائل ناهيون اگر من پسندن کي پروموشن ڏنا ويا ت يونيورسٽي ڪڏهن به نه هلندي يونيورسٽي اندر ڪجه بليڪ ميل ڪري رهيا آهن ميرٽ تي ايندڙ ماڻهن کي تسليم ڪرڻ لاءِ تيار ناهين هنن چيو ته اسانوي سي سان رابطو ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي پر رابطو ن ڪيو ويو پر اسانکي ڪو تسلي بخش جواب ناهين ڏنو ويو رجسٽرار کي فوري طور ن هٽايو ويو ته تحريڪ هلائينداسون اڄ کان يونيورسٽي ۾ ڪم ڇڏ هڙتال ڪئي ويندي